روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 28 مارچ 2024ع بمطابق 17 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 303

پاڪستان جي دشمنن جي ڪڌن ارادن کي ناڪام بڻائينداسين: آرمي چيف

قوم گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ ثابت قدمي سان دهشتگردي خلاف جنگ وڙهي آهي، قوم پاڪستان خلاف ناڪام عزمن کي ناڪام بڻايو آهي، اسان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جنگ وڙهنداسين

پاڪستان، ان جي عوام ۽ ان جي مهمانن تي بري نظر وجهندڙ هر دهشتگرد جي خاتمي تائين وڙهنداسين، دشمنن هڪ ڀيرو ٻيهر رياست ۽ عوام جي ثابت قدمي ۽ حوصلي کي گهٽ سمجهيو آهي

اسان دهشتگردي جي خلاف ان وقت تائين جنگ وڙهنداسين جيستائين پاڪستان، ان جي عوام ۽ هتي ڪم ڪندڙ غيرملڪي مهمانن تي بري نظر رکندڙ هر دهشتگرد جو خاتمو نٿو ٿي وڃي

اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏينداسين ته هر غيرملڪي شهري خاص طور تي چيني شهري جيڪي پاڪستان جي خوشحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن پاڪستان ۾ محفوظ رهن

قوم گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ ثابت قدمي سان دهشتگردي خلاف جنگ وڙهي آهي، اسان پوري طاقت سان دهشتگردي جو آخري دم تائين مقابلو ڪنداسين

پاڪستان جي دشمنن هڪ ڀيرو ٻيهر رياست ۽ پاڪستان جي عوام جي حوصلي ۽ عزم جو غلط اندازو لڳايو آهي: وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ر) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته پاڪستان، ان جي عوام ۽ ان جي مهمانن تي بري نظر وجهندڙ هر دهشتگرد جي خاتمي تائين وڙهنداسين. گذريل ڏينهن شانگلا ۾ پيش آيل دهشتگرد واقعي کي ڏسندي اڄ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي سيڪيورٽي اجلاس ٿيو جنهن ۾ آرمي چيف به شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سرحدن جي پار دهشتگردن لاءِ موجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري چيني سفارتخاني ۾ چيني سفير سان تعزيت ڪندي

وزيراعظم جي صدارت ۾ سياسي ۽ عسڪري قيادت جو اجلاس، دهشتگردن کي چٿڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ سيڪيورٽي صورتحال بابت اعليٰ سطحي اجلاس ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير، چيني صوبن جي وڏن وزيرن، چيف سيڪريٽريز ۽ آءِ جيز جي شرڪت

مختلف پراجيڪٽس تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين کي ڀرپور تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ جو فيصلو، سمورن رياستي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي دهشتگردي جو ڀرپور انداز ۾ مقابلو ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ

دهشتگردي هڪ عالمي خطرو آهي جنهن کي پاڪستان جي دشمن ترقي ۽ خوشحالي ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو آهي، انهن قدمن جو مقصد ٻنهي پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ عدم اعتماد پيدا ڪرڻ آهي: وزيراعظم

بشام ۾ پيش ايندڙ افسوسناڪ واقعو پاڪ چين دوستي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش آهي، وزيراعظم واقعي جي مڪمل جاچ جي هدايت ڪئي آهي: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ

دهشتگردي جي خاتمي تائين سک سان نه ويهنداسين، پنهنجو ۽ پنهنجي دوستن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاق جون سموريون ڌريون هڪ پيج تي آهن

اجلاس ۾ چيني شهرين جي مارجڻ جي واقعي جي جاچ جي حوالي سان جي آءِ ٽي قائم ڪرڻ تي پڻ مشاورت ٿي، اجلاس جي شرڪت ڪندڙن جا حوصلا بلند هئا ۽ سڀ هڪ پيج تي هئا: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ داسو هائيڊل پاور پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين تي دهشتگردانه حملي ڪانپوءِ هنگامي اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سمورن رياستي وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي دهشتگردي جو ڀرپور انداز ۾ مقابلو ڪرڻ جي عزم ورجاءُ ڪيو ويو جڏهن ته وزيراعظم هدايت ڪئي ته ان واقعي جي گڏيل جاچ ڪئي وڃي. وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعلي سطحي سيڪيورٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان ۾ دهشتگردي جو ڳڙهه افغانستان آهي: خواجا آصف

دهشتگردي جي ٽڪانن بابت علم هجڻ باوجود افغان سرزمين دهشتگرد پاڪستان خلاف آزاداڻي طور آپريٽ ڪري رهيا آهن

موجوده حالتن ۾ جڏهن ڪابل جو سهڪار ناهي ته پاڪستان کي سرحد تي عالمي قانون لاڳو ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (م ر) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جو ڳڙهه افغانستان آهي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ خواجا آصف چيو ته دهشتگردي جي واقعن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

محسن نقوي، احد چيماءَ طلال چوڌري سميت 7 سينيٽر بنا مقابلي چونڊجي ويا

سني اتحاد ڪائونسل جو راجا ناصر عباس ۽ حامد خان به سينيٽر چونڊجي ويا

ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي مصطفيٰ رمدي پنهنجا نامزدگي ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيا

لاهور (م ر) سينيٽ اليڪشن ۾ پنجاب مان 7 سينيٽر بنا مقابلي چونڊجي ويا. پنجاب مان سينيٽ چونڊ ۾ ن ليگ جو پرويز رشيد، ناصر محمود، احد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جو سول سينٽر ڪراچي ۾ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن آفيس جو دورو

شرجيل انعام ميمڻ رجسٽريشن ۽ ٽيڪسيشن جي آپريشنل ميڪنزم بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪئي

صوبائي وزير انتظامي معاملن ۾ شفافيت ۽ جوابده هئڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اجتماعي ڪوشش تي زور ڀريو

سنڌ حڪومت انتظامي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي بهتر بڻائڻ لاءِ سرگرم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سول سينٽر ڪراچي ۾ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن آفيس جو دورو ڪيو آهي. دوري دوران ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن سيڪريٽري عاطف الرحمان ۽ ڊائريڪٽر ڊي جي اورنگزيب پنهور به صوبائي وزير سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

چيف جسٽس جي صدارت هيٺ فل ڪورٽ اجلاس، ججن جي خط تي غور

فل ڪورٽ اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ جي سڀني ججن شرڪت ڪئي، اجلاس اڍائي ڪلاڪن تائين جاري رهيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي غور ڪيو ويو ۽ ججن جي خط جي آئيني ۽ قانوني حيثيت جو جائزو ورتو ويو

چيف جسٽس ان سلسلي ۾ اٽارني جنرل سان به مشاورت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ فل ڪورٽ اجلاس طلب ڪيو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط جي معاملي تي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: برطانوي هاءِ ڪمشنر فريال ٽالپر ۽ آصف ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪندي

غلام مرتضيٰ جتوئي جي ڊيفنس واري گهر تي پوليس چڙهائي، چادر ۽ چوديواريءَ جو تقدس پامال ڪيو ويو: گهرواري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي ڊفينس واري علائقي ۾ اڳوڻي وفاقي وزير غلام مرتضيٰ جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

چين جو شانگلا حملي جي ذميوارن کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو

چين ان واقعي تي پنهنجو پختو موقف واضح ڪري ڇڏيو آهي: پرڏيهي ترجمان

دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ متاثرن سان تعزيت ڪيون ٿا

بيجنگ (م ر) چين پاڪستان کان شانگلا ۾ ٿيندڙ دهشتگرد حملي جي ذميوارن کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. چيني مارجي ويلن جي وارثن جي داد رسي ڪرڻ، پاڪستان ۾ چيني اهلڪارن جي حفاظت جا اپاءَ اٿارئا قدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

جي يو آءِ جو نندي چونڊ جي بائيڪاٽ ۽ احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان

اٺ فيبروري جي چونڊن جا نتيجا رد ڪريون ٿا، جي يو آءِ جو ڪو به اميدوار نندي چونڊ ۾ حصو نه وٺندو: مولانا فضل الرحمان

اسان عوام ووٽ وجهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، عوام کي متحد ڪري اعتماد ۾ وٺنداسين، ڪراچي، پشاور ۽ لاهور ۾ به جلسا ڪيا ويندا

ٻين سياسي پارٽين سان به رابطو ڪري رهيا آهيون، اليڪشن ڪميشن بيوس آهي، ان کي نتيجا مرتب ڪرڻ جي اجازت نه آهي

اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيني سفير سان ملاقات ڪندي

پشاور (م ر) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) ف نندي چونڊ جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سرشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

صدر جو چيني سفارتخاني جو دورو، شانگلا حملي ۾ چيني شهرين جي مارجڻ تي تعزيت

اسلام آباد (م ر) صدر آصف زرداري چيني سفارتخاني جو دورو ڪري شانگلا ۾ دهشتگرد حملي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم پيٽرول ۽ ٻين شين جي سمگلنگ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

سمگلنگ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ گهرو وزارت کي اهم ٽاسڪ ڏيڻ جو امڪان

سمگلنگ جي روڪٿام لاءِ ڪريڪ ڊائون به ٻيهر شروع ڪرڻ جو امڪان

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف پيٽرول ۽ ٻين شين جي سمگلنگ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو ذريعن موجب وزيراعظم گهرو وزارت، توانائي، صنعت ۽ پيداوار جي لاڳاپيل اختيارين کي وزيراعظم آفيس طلب ڪري ورتو جنهن ۾ اختيارين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عام شهرين جي فوجي ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلن وارو معاملو، ڪي پي ڪابينا ۾ اختلاف

خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ ڪابينا جي ميمبرن کان هنگامي بنيادن تي سرڪلر ذريعي منظوري ورتي

خيبرپختونخوا جي صوبائي وزيرن عدنان قادري، محمد سجاد، فضل شڪور ۽ پختون يار خان اپيل واپس وٺڻ واري سمري تي صحيحون نه ڪيون

صحيح ڪندڙن ۾ ارشد ايوب، شڪيل احمد، فضل حڪيم خان، عاقب الله خان، مينا خان، نذير احمد عباسي، سيد قاسم علي شاهه ۽ محمد زبير شامل

اسلام آباد (م ر) عام شهرين جي فوجي عدالت ۾ ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلن واري معاملي تي خيبرپختونخوا ڪابينا ۾ اختلاف سامهون اچي ويا. ذريعن موجب، ڪي پي ڪابينا اختلاف راءِ سان انٽرا ڪورٽ اپيل واپس وٺڻ جي منظوري ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پي ٽي آءِ کي اسلام آباد ۾ جلسو ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هدايت

چيف جسٽس عامر فاروق تحريڪ انصاف کي اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت نه ڏيڻ بابت درخواست جي ٻڌڻي ڪئي

ڪنهن جو احتجاج جو حق ڪسي نه ٿو سگهجي، جيڪي شرط نارمل هوندا آهن اهي لڳايو ۾ ڪو حرج ناهي: چيف جسٽس

اوهان شرط، قائدا ۽ ضابطا طئي ڪريو، ڪو به غير معمولي شرط لاڳو نه ڪيو وڃي، جيڪي معياري ٿي اوار هوندا آهن ان موجب اجازت ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف کي اسلام آباد ۾ جلسو ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق تحريڪ انصاف کي اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت نه ڏيڻ بابت درخواست جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران اسلام آباد انتظاميا کي هدايت ڪئي ته اوهان کي جيڪي شرط لاڳو ڪرڻا آهن اهي ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ جاري، ڌرڻا

ڪنڊڪوٽ ۾ هندو پنچائت جي سڏ تي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

ڪنب ۾ به استادن ۽ شاگردن پاران پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪراچي (نمائندن وٽان) پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ جاري، مختلف شهرن ۾ مظاهرا ڪيا ويا. ڪنڊڪوٽ ۾ هندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

آءِ ايم ايف بجلي ٽيرف ۾ گهٽتائي لاءِ حڪومت کي نيون تجويزون ڏئي ڇڏيون

ملڪي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ نون پاور پلانٽن کي هلايو وڃي ۽ مڪمل پيداواري صلاحيت حاصل ڪئي وڃي

نون پاور پلانٽن سان سڄي بجلي نه خريدڻ تي واهپيدارن تي ساليانو به هزار ارب رپين جو بار ايندو آهي

اسلام آباد (م ر) آءِ ايم ايف بجلي ٽيرف ۾ گهٽتائي لاءِ حڪومت کي نيون تجويزون ڏئي ڇڏيون. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب آءِ ايم ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جو خط، چار هاءِ ڪورٽ بارز پاران جاچ جو مطالبو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد، لاهور، پشاور ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان ڪي پي جو گورنر ملاقات ڪندي

ايران سان ڪو معاهدو نه ڪريو: آمريڪا پاڪستان کي پابندي لڳائڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

پاڪستان کي ايران سان ڪنهن به منصوبي تي وڃڻ کان پرهيز جي صلاح ڏيون ٿا: آمريڪي پرڏيهي ترجمان ميٿيو ملر

ايران سان ڪاروبار سان اسان جي پابندين هيٺ اچڻ جو خطرو آهي، پاڪستاني عوام دهشتگردي سبب سخت متاثر ٿيو آهي

ڪنهن به ملڪ کي دهشتگردي جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي، دهشتگردي جي حملي ۾ متاثر ٿيندڙن سان دلي همدردي جو اظهار ڪريون ٿا

واشنگٽن (م ر) آمريڪا شانگلا حملي جي مذمت ڪرڻ سان گڏ پاڪستان کي ايران سان ڪنهن به قسم جو معاهدو ڪرڻ تي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي. ان ڏس ۾ آمريڪي پرڏيهي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته آمريڪا پاڪستان ۾ چيني شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: وفاقي وزير خالد مقبول صديقي نيوٽيڪ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

تحريڪ انصاف اڳواڻ پرويز الاهي جي طبيعت خراب، چيڪ اپ لاءِ اسپتال منتقل

راولپنڊي (ويب ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي صدر ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي طبيعت خراب ٿيڻ سبب کيس پمز اسپتال منتقل ڪيو ويو. پمز ذريعن موجب پي ٽي آءِ صدر پرويز الاهي کي ساهه کڻڻ ۽ جسم ۾ درد جي شڪايت آهي، کيس چيڪ اپ لاءِ اسپتال آندو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

روس ماسڪو حملي جو الزام آمريڪا، برطانيا ۽ يوڪرين تي هڻي ڇڏيو

حملي پويان امڪاني طور تي آمريڪا، برطانيا ۽ يوڪرين آهن: ڳجهي ايجنسي

سمورا گرفتار دهشتگرد تاجڪستان جي تخت گاهه دوشنبي جي پروارن علائقن سان واسطو رکن ٿا

ماسڪو (م ر) روسي اختيارين چيو آهي ته ماسڪو ۾ ٿيندڙ دهشتگرد واقعي ۾ گرفتار سمورا جوابدار تاجڪستان جا شهري آهن. پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نادرا مان 27 لک پاڪستانين جي ڊيٽا چوري ٿيڻ جي تصديق

جي آءِ ٽي ڪم مڪمل ڪري رپورٽ گهرو وزارت کي موڪلي ڇڏي

ڪراچي (م ر) نادرا مان شهرين جي ڊيٽا چوري جو اسڪينڊل سامهون اچي ويو، 27 لک پاڪستانين جي ڊيٽا چوري ٿيڻ جي تصديق، ڊيٽا ليڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ جو هاءِ ڪورٽ ججز جي خط معاملي تي عدالتي ڪارروائي جو مطالبو

هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز دباءَ کان متاثر ٿيا، ججز کي دباءَ ۾ آڻڻ جو هڪ ئي مقصد هو جيڪو ججز خط ۾ لکيو: بئريسٽر گوهر

ججز خط ۾ لکيو ته سياسي مقصدن ۾ مداخلت ڪئي وئي، عمران خان خلاف جيترن ڪيسز جا فيصلا آيا آهن اهي خط بعد ختم ٿي ويا

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز جي طرفان سپريم جوڊيشل ڪونسل کي لکيل خط جي معاملي تي عدالت ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪنيل حسين گروپ جي سي اي او ڪنيل حسين جي ايراني قونصل جنرل سان ملاقات

پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ گهرا تجارتي ۽ ڪاروباري لاڳاپا قائم آهن: ڪنيل حسين

ٻطرفي واپار کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ آزاد واپار جي معاهدي کي باضابطه بڻائڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ايڇ اي جي بزنس اينڊ انٽرنيشنل رليشنز جي صدر، سي اي او ڪنيل حسين گروپ ۽ مشهور آرڪيٽيڪٽ ڪنيل حسين ايران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: ڪي ايڇ اي بزنس اينڊ انٽرنيشنل رليشنز جو صدر ڪنيل حسين ايران جي قونصل جنرل سان ملاقات ڪندي

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي امن، برابري ۽ انصاف جي اصولن تي ٻڌل آهي: اسحاق ڊار

پاڪستان سلامتي ڪائونسل ۾ غيرمستقل سيٽ جي لاءِ ٻين سمورن ملڪن جي حمايت جو خواهشمند آهي

ڪائونسل ۾ پنهنجي مدي دوران پاڪستان عالمي امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڪائونسل جي مينڊيٽ کي فروغ ڏيندو

اسلام آباد (م ر) پاڪستان جي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار گڏيل هم آهنگي ۽ گڏيل سوچ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ تعاون کي اهم قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي امن، برابري ۽ انصاف جي اصولن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ميڊيا لاءِ آرٽيفيشل انٽيليجنس جي سافٽ ويئر جو مؤثر استعمال ڪيو ويندو: محمد سليم خان

آرٽيفيشل انٽيليجنس سافٽ ويئر بابت اطلاعات کاتي جي آفيسرن کي تربيت ڏني وڃي: ڊي جي اطلاعات کاتو

سوشل ميڊيا مانيٽرنگ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ جي سمورن ملازمن جي حاضري ضروري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد سليم خان جي صدارت هيٺ سوشل ميڊيا بابت اجلاس ٿيو. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي اوپن ڪورٽ جاچ لاءِ درخواست داخل

هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي سپريم ڪورٽ جي بااختيار ڪميشن تاهي انڪوائري ڪرڻ جي استدعا

ججن جو خط هڪ طئي ٿيل منصوبو لڳي رهيو آهي ۽ سپريم جوڊيشل ڪائونسل اهڙن تڪرارن جي جاچ جو ادارو نه آهي: درخواست

6 ججن پنهنجي خط ۾ پي ٽي آءِ باني جي رڳو هڪ ڪيس جو مثال پيش ڪيو ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن هڪ به ڪيس جو واضح حوالو ۽ ثبوت ناهي ڏنو

اسلام آباد (م ر) اسلام هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن جي خط جي اوپن ڪورٽ جاچ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. سپريم ڪورٽ ۾ ميان دائود ايڊووڪيٽ طرفان آئيني درخواست داخل ڪئي وئي جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه سان برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سارا موني جي ملاقات

انفراسٽرڪچر، واٽر سپلاءِ، سيوريج ۽ گورننس جي بهتري تي ڪم ڪري رهيا آهيون: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه

سنڌ حڪومت ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکندي واٽر سپلاءِ، سيوريج ۽ روڊن جي انفراسٽرڪچر جي بحالي تي ڪم ڪري رهي آهي

برطانوي سيڙپڪارن لاءِ سنڌ ۾ توانائي، ماحوليات ۽ زراعت جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا موقعا موجود آهن: ملاقات ۾ ڳالهيون

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه سان برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سارا موني سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه سان ملاقات ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ چور 2 ڀائرن کان لکين روپيا ڦري فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ چور 2 ڀائرن کان لکين روپيا ڦري فرار ٿي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: منگهو پير واري علائقي مان ٻن ڄڻن جا هٿ ٻڌل لاش هٿ

لاش ناردرن بائي پاس تي زرياب هوٽل پرسان مليا آهن: ايس ايس پي اولهه

شروعاتي جاچ موجب ٻنهي ڄڻن کي مٿي ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي منگهو پير واري علائقي مان ٻن ڄڻن جا هٿ ٻڌل لاش هٿ. ايس ايس پي اولهه موجب ڪراچي منگهو پير واري علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ غير معمولي تيزي، بلند ترين سطح جو رڪارڊ ٽٽي ويو

100 انڊيڪس 641 پوائنٽن جي واڌ سان 66547 پوائنٽن جي رڪارڊ سطح تي بند ٿيو

بازار ۾ اڄ 35 ڪروڙ 45 لک شيئرز جا سودا ٿيا، شيئرز بازار جي ڪاروبار جي ماليت 11 ارب 88 ڪروڙ رپيا رهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ غير معمولي تيزي سبب بلند ترين سطح جو رڪارڊ ٽٽي ويو. اربع ڏينهن پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

خيرپور: ٻن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٽن ٻارڙن جا گهر جي پيٽيءَ مان لاش هٿ

ڳوٺ وڏا سمنگ ۾ ٻن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ڀيڻ ڀاءُ سميت ٽن ٻارڙن جا پيٽي مان لاش مليا

شاهنواز شيخ جي گهر مان سنڌس ڇهن ورهين جي ڌيءَ مهناز، ڇهن ورهين جي پٽ ملدم ۽ عرفان شيخ جي ڏهن ورهين جي پٽ عارف جا لاش مليا

لاش گهر ۾ موجود پيٽيءَ مان مليا آهن، لاشن کي تحويل ۾ وٺي ضابطي جي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي: پوليس

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ويجهو ٻن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٽن ٻارڙن جا پيٽيءَ مان لاش هٿ آيا آهن. خيرپور ويجهو ڳوٺ وڏا سمنگ ۾ ٻن ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پشاور ۾ اشتهاري ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون، 534 جوابدار گرفتار

پشاور (م ر) پشاور ۾ اشتهاري ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون دوران قتل، اقدام قتل، اغواءِ ۽ ٻين ڏوهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: وفاقي وزير اويس لغاري ڊسڪوز جي سربراهن سان ڳالهائيندي

هڪ موتمار بيماري آهي جنهن سنڌ حڪومت طرفان مفت علاج ڪيو پيو وڃي: ڊاڪٽر يامين عالم شاهه

دنيا جي 25 سيڪڙو آبادي TB جي جراثيم سان متاثر ٿئي ٿي ۽ هر سال هڪ ڪروڙ ماڻهو TB جي موتمار بيماري جي ور چڙهن ٿا

پاڪستان ۾ هر سال ڇهه لک کان وڌيڪ ماڻهو TB جي خطرناڪ مرض جو شڪار ٿين ٿا، جنهن مان فقط 63 سيڪڙو ماڻهن جي تشخيص ۽ علاج ٿئي ٿو

ضلعي ٺٽي ۾ صحت کاتو حڪومت سنڌ پاران TB جي تشخيص ۽ مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي: ڊاڪٽر غلام علي دايو

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٽي بي جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سول اسپتال ٺٽي ۾ هڪ سيمينار ٿي ٿي گذريو جنهن ۾ سول سرجن سول اسپتال ٺٽو ڊاڪٽر يامين عالم شاهه، ڊسٽرڪٽ ٽي بي ڪو آرڊينيٽر ڪو آرڊينيٽر ڊاڪٽر غلام علي دايو، ڦڦڙن جي بيماري جو ماهر ڊاڪٽر پرشاد، ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيٽر ڪونٽيڪ انٽرنيشنل ٺٽو ڊاڪٽر نظير حيدرشاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو: ماتلي ۾ جسقم آريسر گروپ جي ڪارڪنن جو احتجاج

نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جسقم (آريسر) پاران ماتلي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ابراهيم سنڌي، ماجد نظاماڻي، جبل سنڌي، پپو نوتڪاڻي، ايس يو پي اڳواڻ ريڊنو چانگ، باسط شاهه، مير حسن ڪنڀار جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سڄي سنڌ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سراپا احتجاج بڻجي رستن تي نڪتل آهي پر سرڪار طرفان اجان تائين پريا جي بازيابي ۾ ڪا به اڳڀرائي نظر نه پيئي اچي: اڳواڻ

بدين(رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) سنگرار واري علائقي مان 3 سال اڳ اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جسقم (آريسر) پاران ماتلي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بس اسٽاپ چوڪ تي بدين حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو. مظاهرين ابراهيم سنڌي، ماجد نظاماڻي، جبل سنڌي، پپو نوتڪاڻي، ايس يو پي اڳواڻ ريڊنو چانگ، باسط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جسقم (آريسر) پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

منياڻي ۾ چورن سماجي ورڪر کي به بخش نه ڪيو موٽر سائيڪل چوري

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ)منياڻي جي مشهورسماجي ورڪر ۽ قومي ڪارڪن کي به چورن نه بخشيو پوليس لاڪ ٽوڙي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا انتظاميا خاموش تماشائي بنيل ظفر کوکر صحافين اڳيان احتجاج ڪندي پوليس تي چوري ۾ ملوث هجڻ جو الزام لڳائيندي چيو ته گذريل رات ڊاڪٽر آچرشاهه وٽ علاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سڪرنڊ ۾ ڪمشنر شهيد بينظير آباد جو يوٽيلٽي اسٽورن جو دورو، جائزو ورتو

رمضان رليف پيڪيج تحت شهرين کي اٽو، کنڊ، چانورن سميت ٻيون کاڌي شيون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي: سيد محمد سجاد حيدر

يوٽلٽي اسٽور تي شيون خريد ڪرڻ لاءِ ايندڙ شهرين کي سندن ضرورت مطابق شيون ڏنيون وڃن، عوامي جي سهولت جو خيال رکيو وڃي

حڪومت پاران شين جي قيمتن ۾ ملندڙ رليف هر صورت ۾ عوام کي ملڻ گهرجي، عوام يوٽلٽي اسٽور تان مناسب اگهن ۾ ملندڙ شيون خريد ڪري ڀرپور فائدو ڪري

سڪرنڊ (رپورٽ راڄ ڪماراوڊ) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر اڄ سڪرنڊ جي مختلف يوٽلٽي اسٽورن جو دورو ڪري کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڪمشنر سيد محمد سجاد حيدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪرنڊ: ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن يوٽيلٽي اسٽور جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي سينيئر پارليامينٽري رپورٽر بشير سنجراڻي جي گهرواري جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو جاري

ڪراچي (بيوروچيف) ڪراچي جي سينيئر پارليامينٽري رپورٽر بشير سنجراڻي جي گهر واري جي لاڏاڻي تي صحافين، اديبن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران تعزيت جو سلسلو جاري آهي گذريل رات ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪر جي صحافي باغي ساگر ڀنور، سينيئر صحافي فاروق احمد ٻنگوار، عبدالجبار چانڊيو، سجاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ملير ۾ خوراڪ کاتي جي سرڪاري گدامن مان ڪڻڪ چوري ٿيڻ جو انڪشاف

ٻه جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، گدام انچارج ڀڄي نڪتو، پوليس جا ڇاپا لکين رپين جي ڪڻڪ هٿ

پوليس ڪارروائي ڪندي ٻه جوابدار محمد عابد ۽ بندگي بخش کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ملير ۾ خوراڪ کاتي جي سرڪاري گدامن مان ڪڻڪ چوري ٿيڻ جو انڪشاف، ٻه جوابدار گرفتار، ڪيس داخل، گدام انچارج ڀڄي نڪتو پوليس جا ڇاپا لکين رپين جي ڪڻڪ هٿ ڪئي وئي آهي جاچ ڪيون پيا پوليس تفصيل موجب ملير ۾ خوراڪ کاتي جي سرڪاري گدامن مان ڪڻڪ چوري ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ان سلسلي پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمد خان جي علائقي ٽالپر ڪالوني جي رهواسڻ جو احتجاج

بيواهه عورت نائلا سولنگي پنهنجي ڀيءُ سان گڏ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

ڊوائيس هولڊر ڏانهن ويس ته هن مونکي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندي مونکي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون

امدادي رقم 23500 جي بجاءِ مونکي ڊوائيس هولڊر طرفان 10500 روپيا ڏنا ويا: رهواسڻ

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي علائقي ٽالپر ڪالوني جي رهواسڻ بيواهه عورت نائلا سولنگي پنهنجي ڀيءُ سان گڏ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته آئون پنج ٻارن جي ماءُ آهيان منهنجو مڙس ٻه وفات ڪري چڪو آهي آئون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پيسا وٺڻ پڙهيار پاڙي ۾ هڪ ڊوائس هولڊر ڏانهن ويس ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين ۾ ٽنڊو محمد خان جي زميندار جو احتجاج، پريس ڪانفرنس

بدين پوليس منهنجي ڀاءُ کي بي گناهه ڪنهن غائب ڪري ڇڏيو آهي، ڀاءُ متي تي گاردر ڪرڻ ڪري سخت زخمي آهي

اڍائي سال اڳ پوليس اهلڪار اسان جي ڀائيجي کي گرفتار ڪري ان کان منشيات برآمد ظاهر ڪري گرفتار ڪيو ڏيتي ليتي بعد آزاد ڪيو هو

اهلڪاران کي بليڪ ميل ڪري ٽي لک روپيا وٺي ان کي آزاد ڪري ڇڏيو، جيڪا منهنجي ڀاءُ مشتاق مگسي اعلي اختيارين کي شڪايت ڏني هئي

بدين(رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين پوليس منهنجي ڀاءُ کي بي گناهه ڪنهن غائب ڪري ڇڏيو آهي منهنجو ڀاءُ متي تي گاردر ڪرڻ ڪري سخت زخمي آهي ان کي ڪجهه به نقصان ٿيو ته ان جي ذميوار بدين پوليس هوندي اها ڳالهه ٽنڊو محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين: ٽنڊو محمد خان واسي زميندار ممتاز مگسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڏيئي لڳ ڳوٺ جاڳڻ خان ڪوسو ۾ 18 سالن جي نوجوان ناري جنت ڪوسو جو گهر مان گولي لڳل لاش هٿ

بدين (رپورٽر) ڏيئي لڳ ڳوٺ جاڳڻ خان ڪوسو ۾ 18 سالن جي نوجوان ناري جنت ڪوسو جو گهر مان گولي لڳل لاش هٿ آيو آهي وارثن پاران ناري جي مڙس تي قتل ڪرڻ جو الزام تفصيل موجب ڏيئي لڳ ڳوٺ جاڳڻ خان ڪوسو واسيڻ مسمات جنت ڪوسو جو گهر اندر گولي لڳل لاش مليو آهي جنهن جو ڳوٺاڻن پاران پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ هٿرادو مهنگائي ڪئي پئي وڃي: عبدالحڪيم

شهر جي منافعي خور واپارين عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

مارڪيٽ ڪميٽي جي چيئرمين جي سيٽ تي ڪنهن به عملدار کي هيل تائين مقرر نه ڪيو ويو آهي

اڳوٽي سيٺن تاباني پائرن کي گهرجي ته شوگر ملز کي هلائي هتي جي بي روزگارن کي روزگار سان لڳايو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) پاڪستان پيپلز پارٽي ليبر بيورو جي صدر عبدالحڪيم ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ هٿرادو مهنگائي ڪئي پئي وڃي شهر جي منافعي خور واپارين عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڪافي سالن کان وٺي مارڪيٽ ڪميٽي جي چيئرمين جي سيٽ تي ڪنهن به عملدار کي هيل تائين مقرر نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز جي ملازمن جو پگهارن مان ڪٽوتي ڪرڻ خلاف احتجاج

مزدور يونين طرفان ميونسپل آفيس جي مين گيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خالد شيخ، قلندر بخش، غلام علي، بلاول، موهن لال، محبوب، جاويد، وسيم، شوڪت شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

شهر جو گند ڪچرو صاف ڪري شهرين کي صاف سٿرو ماحول ڏيڻ سان گڏ پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ڪندا آهيون پر پگهار نه پئي ملي: ملازم

نوشهروفيروز(رپورٽر) ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪرڻ ۽ عيد جا ڪپڙا نه ملڻ خلاف مزدور يونين طرفان ميونسپل آفيس جي مين گيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ شامل ملازم ميونسپل چيئرمين جي ناجائزين خلاف سخت تعريبازي ڪئي ان موقعي تي يونين اڳواڻ خالد شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: ميونسپل ڪاميٽي جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر پوليس جي ڪامياب ڪارروايون جاري ڪارروائي، ڪارروائين دوران خطرناڪ ڌاڙيل گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ڪامياب ڪارروايون. خطرناڪ ڌاڙيل گرفتار. سکر پوليس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر جي علائقي جهانگڙو پرسان هڪ اهم ڪارروائي دوران پوليس خطرناڪ ڌاڙيل جلال جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو. جيڪو پوليس کي ڪيترن سنگين ڪيسن ۾ جيڙو پا ملتل گهربل هيو جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊي ايس پي ساڪرو جي سربراهي ۾ اعليٰ پوليس آفيسرن تي مشتمل ٽيم جوڙي وئي

گڏجاڻي ۾ ايس ايڇ او گهارو، ايس ايڇ او ساڪرو، انچارج سي آءِ اي ٺٽو ۽ انچارج شامل هئا

ايس ايس پي ٺٽو جي نگراني ۾ ٽيم پيشيوراڻي مهارت سان بلائنڊ مرڊر ڪيس ٽريس ڪري ورتو

ٺٽو(رپورٽر:ارپد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي بهترين حڪمت عملي ۽ سخت هدايتن ڪانپوءِ ڊي ايس پي ساڪرو جي سربراهي ۾ اعليٰ پوليس آفيسرن تي مشتمل ٽيم جوڙي وئي جنهن ۾ ايس ايڇ او گهارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: ايس ايس پي ڊاڪٽر محمد عمران خان گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيو آهي

نڪرانو لڳ شرپسندن هاري جي ڪڻڪ جي ڍيري کي باهه ڏئي ڇڏي

پورهيت لالو مهر جي پنج جريب زمين جي گڏ ٿيل ڪڻڪ جي ڍيري کي باهه ڏني وئي

باهه سبب پورهيت جو گڏ ٿيل سمورو ديرو سڙي رک ٿي ويو آهي، دانهون

نڪرانو(ن سنڌيار) نڪرانو لڳ ڳوٺ سمن آباد ۾ نامعلوم شرپسندن هاري جي ڪڻڪ جي گڏ ڪيل ديري کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو سمن آباد واسي پورهيت لالو مهر جي پنج جريب زمين جي گڏ ٿيل ڪڻڪ جي ديري کي عصر ويل نامعلوم شرپسند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گهارو شهر مان اغوا ٿيل نياڻي جوابدار ساڪرو ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

پوليس اغوا ٿي ويل نياڻيءَ کي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

پوليس جي بروقت ايڪشن سبب جوابدار نياڻي کي قبضي ۾ نه رکي سگهيو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ/ بشام جوکيو) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي سخت حڪمن ڪانپوءِ گهاري شهر مان ششي وٺي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو غلام حيدر لڳ ڳوٺ دير ڪولهي ۾ ٻارن جي پيءُ خودڪشي ڪري ڇڏي

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي خودڪشي ڪندڙ گهنو ڪولهي جو لاش پنهنجي تحويل ۾ ورتو

پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي، غربت ۽ بيماري سبب پريشان هو جنهن سبب خودڪشي ڪئي اٿس: وارث

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽر) سوما ويجهو ڳوٺ لڪدير ڪولهي جي رهواسي 40 سالن جي پورهيت ۽ 5 ٻارڙن جي پيءُ گهنو ڪولهي ولد همير ڪولهي غربت مفلسي ۽ بيماري کان تنگ ٿي وڻ ۾ رسو ٻڌي خود ڪشي ڪري ڇڏي اطلاع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ ڏوهارين خلاف آپريشن وڌيڪ تيز

مختلف ڏوهن ۾ گهربل ڏوهاري عامر شاهه ولد بچل شاهه زيد 21 جون 220 سوپاريون هٿ

اويس عادل خانزادو کان 330 ۽ مين پڙيون ۽ سليم عرف گلابي سولنگي کان 1080 گرام چرس هٿ

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) ايس ايڇ او نوشهروفيروز ڏوهارين خلاف آپريشن وڌيڪ تيز ڪندي مختلف ڏوهن ۾ گهربل ڏوهاري عامر شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: پوليس جي مختلف ڪاروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار بيٺل آهن

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر جو سڪيورٽي بابت اجلاس

حضرت علي ڪرم الله وجهه جي يوم شهادت جي انتظامن جي سلسلي ۾ اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ عالمن ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي عملدارن شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽر منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي يوم شهادت جي انتظامن جي سلسلي ۾ اجلاس ٿيو. ان موقعي تي هن چيو ته حضرت علي جي زندگي اسان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: ڊي سي محمد ارسلان سليم ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نڪرانو پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي جو احتجاج، تحفظ جي گهر

اسان ٻنهي خيرپور جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪيو آهي: گهوٽڪي واسڻ ناري اقرا هوت بلوچ

اسان جا وارث فدا حسين شوڪت علي ضمير حسين عبدالرشيد جوڳي جان جا ويري بڻجي ويا آهن

نڪرانو(ن سنڌيار) نڪرانو پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي مائٽن پاران موتمار ڌمڪيون ملڻ خلاف ۽ تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي پسند پرڻو ڪندڙ جوڙي پني عاقل واسي نوجوان فدا حسين جوڳي ۽ گهوٽڪي واسڻ ناري اقرا هوت بلوچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ميرپور ماٿيلو ۾ پوليس جو ڏاڍ، 2 ڊوائيس هولڊر گرفتار، آزاد

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينٽر تان پوليس بنا جواز ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس ڪلاڪ ڏيڍ تي رهائڻ بعد ڏيتي ليتي سبب سيٺي ڊوائيس هولڊرن کي آزاد ڪري ڇڏيو

ميرپورماٿيلو(رپورٽر: ظهير وسير) ميرپور ماٿيلو: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ميرپور ماٿيلو سينٽر تان ڊوائيس هولڊرن کي ميرپور ماٿيلو پوليس گرفتار ڪري ورتو ڏيتي ليتي بعد ڊوائيس هولڊر آزاد، پوليس جا ٺٺ. تفصيل موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ميرپورماٿيلو: پوليس بي آءِ ايس پي ڊوائيس هولڊرن کي گرفتار ڪري رهي آهي

سکر ۾ ٻارن جي ذهني واڌ لاءِ آل سکر ڪوئز ڪامپيٽيشن آزمائشي مقابلو

ڪامپيٽيشن ثوبيه فلڪ نازرائو اسسٽنٽ ڪمشنر سکر جي محنتن ۽ ڪاوشن سان منعقد ڪيو ويو

ٻارن جي صلاحيتن ۾ نکار اچي ۽ ٻارن ۾ اڃا وڌيڪ محنت جو جذبو پيدا ڪجي: ثوبيه فلڪ ناز

سکر (رپورٽر) ضلعي انتظاميه سکر پاران ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ هڪ ذهني آزمائش جو مقابلو " آل سکر ڪوئز ڪامپيٽيشن " مهراڻ ڪامپليڪس سکر ۾ ميڊم ثوبيه فلڪ ناز رائو اسسٽنٽ ڪمشنر سکر جي محنتن ۽ ڪاوشن سان. سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گلاب لغاري ۾ پورهيت جي گهر کي باهه وڪوڙي وئي، الهه تلهه سڙي رک

باهه لڳڻ سبب گهر ۾ پيل ٻن نياڻين جو ڏاج هنڌ بسترا اناج سميت سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو

پاڻي جي کوٽ جي ڪري باهه وسائڻ ۾ مشڪلات متاثرين کلي آسمان هيٺ واهر جا منتظر

گلاب لغاري (رپورٽر: گلزار لغاري) گلاب لغاري لڳ ڳوٺ خان محمد لغاري ۾ غريب پورهيت جمن ڪولهي ۽ ڌرام ڪولهي جي گهرن کي چلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب باهه وڪوڙي وئي جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل ٻن نياڻين جو ڏاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين پرسان حادثو تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي

بدين کان حيدرآباد روڊ حادثي ۾ 3 ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

بدين جو ڊي اي او سيڪنڊري شوڪت ميراڻي، حيدر شاهه الهڏنو سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي انڊس اسپتال بدين ۾ داخل ڪيو ويو، بدين پوليس گاڏين کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين پرسان حادثو تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا 3 ڄڻن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو تفصيل موجب بدين کان حيدرآباد روڊ تي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سوزوڪي پڪ اپ ۽ ڪار ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ڪلٽيون کائي روڊ کان هيٺ ڪامن ۾ وڃي ڪري جنهن جي نتيجي ۾ بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دڙو ۽ ڀرپاسي ۾ وڏي پيماني تي نقلي ۽ غيرمعياري ڪاڄرو آئل، گيهه جي وڪري جو انڪشاف

غير رجسٽرڊ ۽ غيرمعياري آئل جي وڪري ۽ ان جي استعمال سبب ڪيترائي ماڻهو هيپاٽائيٽس، ڪئينسر، آنڊي جي بيمارين ۾ مبتلا

ٻنون، لاڙيپور، ابڙال ۽ ڀرپاسي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ انساني زندگين سان کيڏندڙ منافعي خور غير معياري ڪاڄرو تيل وڪرو ڪرڻ لڳا

غير معياري رڌ پچاءُ جو گيهه ۽ تيل جنهن جي تياري لاءِ ککڙن ۽ ٻين جانورن جي آنڊن کي گرم ڪري چرٻي حاصل ڪري ۽ هڏين کي ڳاري ڪٺلشر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو: ماهر ڊاڪٽر

دڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) دڙو ۽ ڀرپاسي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ڳوٺن ۾ وڏي پيماني تي نقلي ۽ غيرمعياري ڪاڄرو آئل، گيهه جي وڪري جو انڪشاف. غير رجسٽرڊ ۽ غيرمعياري آئل جي وڪري ۽ ان جي استعمال سبب ڪيترائي ماڻهو هيپاٽائيٽس، ڪئينسر، آنڊي، جيري، گردا فيل، الرجي ۽ ٻين مختلف موذي بيمارين ۾ ورتي ويا آهن. رپورٽ موجب دڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو: انساني صحت لاءِ قاتل زهر نقلي ۽ غيرمعياري ڪوڪنگ آئل تيار ڪيو پيو وڃي

وائيس چيئرمين ضلعي ڪائونسل بدين فدا حسين منڊرو جي زير صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو

بدين (رپورٽر) وائيس چيئرمين ضلعي ڪائونسل بدين فدا حسين منڊرو جي زير صدارت ۾ خانبهادر مير غلام محمد ٽالپر هال ۾ ضلعي ڪائونسل بدين جو دستوري اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ ميمبرن پاران امن امان، پاڻي جي کوٽ، ترقياتي اسڪيمن لاءِ فنڊ ۽ ٻين مسئلن تي ڳالهايو ويو ان موقعي وائيس چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سچل سرمست جي عرس ۾ سگهڙ ڪانفرنس ۾ ٻه سئو کان وڌيڪ سگهڙن جي شرڪت

خليل الرحمٰن مهيسر پاران آجيان سچل سرمست رح جي سجاده نشين جي ڀاءُ خواجا نظر الحق فاروقي جي خصوصي شرڪت ڪئي

سچل سرمست جو سمورو ڪلام تصوف تي مبني آهي پاڻ وحدت الوجود جو شاعر هو: ڏاڏو ڏتل ابڙو، مير خان پنهور، قلندر بخش ڇهراڻ

سچل سرمست مذهب، قوميت، ملڪ (ساڻيهه) ٻولي ۽ زبان جون حدون اورانگهي هڪ اهڙي اجتماعي تعليم جي تبليغ ڪئي

رانيپور (رپورٽر) سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ صوفي شاعر حضرت سچل سرمست رح جو 203 يون عرس مبارڪ، آخري پروگرام سگهڙ ڪانفرنس ۾ 200 کان وڌيڪ سگهڙن جي شرڪت، خليل الرحمٰن مهيسر پاران آجيان سچل سرمست رح جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

رانيپور: سچل سرمست رح جي عرس جي موقعي تي ڪوٺايل سگهڙ ڪانفرنس جو ڏيک

ٺٽي ضلعي ۾ واپارين هٿرادو مهانگائي ڪري ڇڏي، غريب عوام پريشان

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) مهانگائي جي هن دور ۾ جتي مهانگائي غريب عوام جي چيلهه چيپي ڪري ڇڏي آهي، جتي غريب عوام کاڌي پيتي جون شيون خريد ڪرڻ جي سگهه نه رکندا هجن اتي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ ميون جا اگهه به ٻيڻا ٿي چڪا آهن جڏهن ته حڪومت پڻ رمضان جي بابرڪت مهيني ۾ مهانگائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر ۾ مستحقن عورتن کي امدادي رقم نه ملي سگهي

غلط سروي ۽ نادرا جي انگن اکرن تحت نوڪري پيشه ۽ زميندار گهراڻن جون عورتون پئسا وصول ڪرڻ لڳيون

ڪيترين ئي نوڪري پيشه گهراڻن ۽ زميندار طبقي جون عورتون انڪم سپورٽ جا پئسا وصول ڪندڙ

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت پئسا نه ملڻ سبب سکر ضلعي ۾ هزارين مستحق عورتون پريشان غلط سروي ۽ نادرا جي انگن اکرن تحت نوڪري پيشه ۽ زميندار گهراڻن جون عورتون پئسا وصول ڪرڻ لڳيون تفصيل موجب بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن کي ملندڙ پئسن جي غلط سروي ٿيڻ جي ڪري ڪيترين ئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سجاول ۾ فلاحي اداري طرفان مسحق خاندان ۾ راشن تقسيم

ڪنگ سلمان هيومينيٽيرين طرفان 500 مستحق خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو

راشن ۾ 80 ڪلو ڪڻڪ جو اٽو، 5 ڪلو گرام دال 5 ليٽر کاڌي جو تيل 5 ڪلو کنڊ 2 ڪلو گرام کجهور شامل

مظفر گڙهه، راجن پور رحيم يارخان ۽ شهرن جي 5000 مستحق خاندانن ۾ رمضان جي هڪ جا راشن تقسيم ڪيا ويا آهن

سجاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) هڪ فلاحي اداري طرفان 500 سئو مستحق خاندانن ۾ رمضان جي مهيني جو راشن تقسيم ڪيو ويو. ڪنگ سلمان هيومينيٽيرين طرفان 500 مستحق خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو. 97 ڪلو گرام تي مشتمل هڪ مهيني جي راشن ۾ 80 ڪلو ڪڻڪ جو اٽو، 5 ڪلو گرام دال 5 ليٽر کاڌي جو تيل 5 ڪلو کنڊ 2 ڪلو گرام کجهور شامل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين ۾ وڌندڙ بدامني، چورين ڦرن جي واقعن ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري نه ٿي سگهي

ٻن هفتن ۾ ڦرن ڌاڙن دڪان ڦاٽي چوريون ڪرڻ جي هڪ واقعي جا به جوابدار گرفتار نه ٿيا پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي

بدين ضلعو بنا ايس ايس پي جي هلڻ لڳو، شهرين طرفان ڪيس داخل نه ڪرڻ تي پوليس خلاف عدالت وڃڻ جو فيصلو

بدين شهري اتحاد جي ڪنوينر خليفه طارق عزيز ميمڻ عاشق حسين خواجا ماڊل ٿاڻي جي ايس ايڇ او سان ملاقات ڪري سمورين وارداتن جا ڪيس داخل ڪرڻ تي زور ڏنو

بدين (رپورٽر: مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ گذريل ٻن هفتن ۾ ڦرن ڌاڙن دڪان ڦاٽي چوريون ڪرڻ جي هڪ واقعي جا به جوابدار گرفتار نه ٿيا پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي 5 ڏينهن کان ضلعي بنان ايس ايس پي جي هلڻ لڳو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نڪرانو: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر: پ پ جي جيالي پاران جبري برطرفي واري عمل خلاف احتجاج

سکر(بيورو رپورٽ) پ پ جي جيالي پرويز ميراڻي پاران جبري برطرفي واري عمل خلاف احتجاج، نوڪري نه ملڻ تي خودڪشي جو اعلان. تفصيل موجب سکر جي بندر روڊ ٽرمل ڪالوني جي رهواسي پ پ جي جيالي پرويز ميراڻي جبري برطرفي واري عمل خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ڪيس اوقاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شاعر سرويچ سجاولي جو فرزند گڙدن جي تڪليف سبب اسپتال داخل

ڊاڪٽرن پاران آپريشن ڪرڻ دوران دل جو دورو پوڻ سبب ڪيس انتهائي نگهداشت واري شعبي ۾ رکيو ويو

آپريشن دوران دل جو دورو پوڻ سبب انتهائي نازڪ حالت ٿي وئي هڪ ڏينهن بيهوش رهڻ بعد اڄ هوش ۾ اچي ويو آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ ڀاءُ ڊاڪٽر عثمان سرويچ کي گڙدن جي تڪليف ٿيڻ سبب اسپتال داخل ڪرايو ويو هو: اسماعيل سرويچ

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) شاعر سرويچ سجاولي جو فرزند ڊاڪٽر عثمان سرويچ گڙدن جي تڪليف سبب ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل، سنڌ جو قومي ۽ عوامي شاعر سرويچ سجاولي جو فرزند ۽ سورج سجاولي پريس ڪلب جو صدر اسماعيل سرويچ جو ڀاءُ ڊاڪٽر عثمان سرويچ ڪجهه ڏينهن اڳ گڙدن جي تڪليف هڻڻ سبب ڪراچي جي خانگي لياقت ميڊيڪل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان جو ضلعي اندر جاري مختلف ترقياتي اسڪيمن جو دورو

لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي ترقياتي ڪم ۽ تعميراتي ميٽريل جي معيار ۽ اسڪيمن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان پاران لا ڪاليج، پوليس هيڊ ڪوارٽر، ڪارو گهنگهرو، مختلف شاخن جي لائيننگ ۽ ٻين مختلف تعميراتي ڪمن جو معائنو ڪيو ويو

اسسٽنٽ انجنيئر ثناءُالله، پلاننگ کاتي جي زاهد ڪولاچي، اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٻرينيج غلام شبير مشوري، تفصيلي بريفنگ ڏني

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر: مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڊرمون ڀاراڻي پاران ضلعي اندر جاري مختلف ترقياتي اسڪيمن جو دورو. لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي ترقياتي ڪم ۽ تعميراتي ميٽريل جي معيار ۽ اسڪيمن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري تفصيلات مطابق ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان پاران لا ڪاليج، پوليس هيڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمدخان: ڊي سي ڊرمون ڀاراڻي ترقياتي اسڪيمن جو جائزو وٺي رهيو آهي

مارڪيٽ ڪميٽي سکر جي چيئرمين طرفان افطار ڊنر جو بندوبست

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) مارڪيٽ ڪميٽي سکر جي چيئرمين عابد گل مهر پاران مڪاني ادارن جي نمائندن جي اعزاز ۾ مقامي هوٽل ۾ افطار ڊنر جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل، ٽائون چيئرمين آغا محسن پٺاڻ، طارق حسين چوهان، دين محمد راجپوت ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تقريب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 28 مارچ 2024ع

وزيراعظم صرف 'ڪاوڙ' ئي ڪري سگهي ٿو؟

صنعتي ۽ سرمائيدار ملڪن جي عالمي استحصالي ايجنڊا جي اهم نڪتن ۾ نجڪاري، رائيٽ سائيزنگ يا ڇانٽيءَ سان گڏ لبرلائيزيشن پڻ شامل آهي، جنهن تحت ملڪي ادارن تان گرفت ڍري ڪرڻ وارو مقصد پڻ ان جو حصو آهي. هن ملڪ ۾ نيپرا ۽ اوگرا سميت مختلف ادارن کي با اختيار ڪرڻ جي نالي ۾ حڪومتي گرفت ڍري ڪرڻ واري نڪتي تي عمل ٿي رهيو آهي. اهي پئي ادارا نه پارليامينٽ ڏانهن ذميوار آهن، نه ڪنهن پارلياماني ڪميٽي ڏانهن. ۽ نه ئي وري ڪنهن چونڊيل باڊي جي اڳيان جوابده آهن. اها پاڻ وهيڻائي ان حد تائين خطرناڪ بڻجي وئي آهي، جو اهي عوام لاءِ هاڃيڪار فيصلا بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي ڪرڻ لڳا آهن. هن ڀيري به گئس جي قيمتن ۾ اضافي وارو فيصلو ڪيو ويو آهي. سوئي ناردرن طرفان 155 سيڪڙو گئس مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڏني وئي آهي. هڪ ئي سال ۾ گئس جي قيمتن ۾ ٽيندڙ ٽيون وڏو اضافو هوندو. وزيراعظم گئس جي قيمتن ۾ اضافي تي 'ڪاوڙ' جو اظهار ڪندي گئس ڪمپنين جي آڊٽ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جڏهن ته پيٽروليم واري وفاقي وزير مصدق ملڪ جو چوڻ آهي ته گئس جي قيمتن ۾ واڌ تي 'تحفظات' آهن. ان ڳالهه مان اسان جي حڪمرانن جي اختيارن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي هڪ اڻ چونڊيل اداري جي اڳيان ڪيئن بيوس بڻيل آهن ۽ چاهيندي به عوام کي رليف نه پيا ڏيئي سگهن.

ساهه نپوڙيندڙ مهانگائيءَ ماڻهن جي جيئڻ جا رستا سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. هن ملڪ جي غريب اڪثريت لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. حڪومت ويتر سخت فيصلن جي نالي ۾ عوام جي جيئڻ کي اوکو بڻائي رهي آهي. بجلي ۽ گئس ماڻهن جي پهچ کان پري ٿي چڪا آهن. تيل جي قيمتن ۾ واڌ ويتر مهانگائيءَ کي مهميزون هڻي رهي آهي. ماڻهن کي پٽر جي دور واري زندگيءَ ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي. عوام کي اميد هئي ته چونڊيل نئين حڪومت عوام کي رليف ڏيندي، جنهن ڪري زندگيءَ ۾ سهنجائي پيدا ٿيندي، پر اها ته رڳو بيوسيءَ جو اظهار ڪري رهي آهي. وزيراعظم ۽ وفاقي ڪابينا اوگرا ۽ نيپرا اڳيان بيوس آهن. وزيراعظم هن سڀاءِ ۾ عوام کي ڪيترو رليف ڏيئي سگهي ٿو، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي. جڏهن وزيراعظم ۽ پيٽروليم جو وفاقي وزير بيوس آهن ته حڪومت ڪير پيو ڪري؟ اختيار ڪير پيو استعمال ڪري؟ عوام لاءِ اهنج وڌائيندڙ فيصلا ڪير پيو ڪري؟ ڇا ائين ڪونه ٿو لڳي ته اسان جي حڪمرانن پنهنجا اختيار به مالياتي ادارن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن؟ اسان جا حڪمران ڪيترا با اختيار آهن، تنهن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته وزيراعظم اقتصادي رابطا ڪميٽي جوڙي ٿو ۽ پاڻ ان جو سربراهه بڻجي ٿو. نوٽيفڪيشن جاري ڪري ٿو پر اجان ان نوٽيفڪيشن جي مس ئي خشڪ نه ٿي ته وزيراعظم چوويهن ڪلاڪن ۾ اقتصادي رابطا ڪميٽي جي سربراهي تان پنهنجو نالو ختم ڪري ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب کي اقتصادي رابطا ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪري ٿو. ان ڪاميٽيءَ ۾ شامل اسحاق ڊار جي ۾ موڪل ڪرائي وڃي ٿي. سڀ اختيار اڻ چونڊيل ناڻي واري وفاقي وزير جي جهوليءَ ۾ وڌا وڃن ٿا، جيڪو معاشي ماهر نه پر هڪ 'بينڪر' آهي. اهڙي صورتحال مان عوام چونڊيل حڪومت مان رليف جي آخر ڪهڙي اميد رکي؟ سمورا فيصلا اختيار ۽ اقتدار جي ڪهڙي مرڪزتان پيا ٿين؟ حد ته اها آهي جو اوگرا چيئرمين کي عوام ڪان وڌيڪ گئس ڪمپنين جو اونو آهي. موصوف فرمائي ٿو ته گئس جا اگهه وڌائڻ 'مجبوري' آهي. اگهه نه وڌايا ويا ته گئس ڪمپنيون بند ٿي وينديون. مطلب ته عوام ڪنهن ليکي ۾ ئي نه آهي.

گئس جا اگهه وڌائڻ سان ملڪي معيشت کي نقصان پيو پهچي. ماڻهو گئس جا ڪنيڪشن ڪٽرائيندا پيا وڃن. هيستائين هزارين ڪمرشل ڪنيڪشن ڪٽرايا ويا آهن. جنهن جو اعتراف حڪومتي اختياريون به ڪري رهيون آهن. تندور، ريسٽورينٽس ۽ هوٽلون بند ٿي رهيون آهن. جنهنڪري وڏي پئماني تي بيروزگاري وڌي رهي آهي، انتشار ۽ بيچيني وڌي رهي آهي ۽ حڪمرانن جيڪڏهن عقل کان ڪم نه ورتو ته صورتحال ان نهج تي پهچي ويندي، جوان کي سنڀالي نه سگهبو. ان ڪري صرف گئس ڪمپنين جي منافعي کي نه پر عوام جي مجبورين کي به سامهون رکيو وڃي.

ڇاتيءَ جي ڪينسر سان جهيڙيندڙ عورتون ۽ سماجي رويا

ثاقب ابڙو

هر سال سڄي دنيا سميت پاڪستان ۾ پڻ آڪٽوبر جي مهيني کي پنڪٽوبر يعني پنڪ آڪٽوبر ڪري ملهايو ويندو آهي. [illegible] گلابي رنگ جنهن کي عمومي طور ڇوڪرين سان منسوب ڪيو ويندو آهي ۽ ٻارڙن جي راندڪين ڪان وٺي پوشاڪ وغيره [illegible] ڇوڪرن لاءِ نيرو ۽ ڇوڪرين لاءِ گلابي رنگ. پرهتي منهنجو موضوع رنگن جي بنياد تي صنفي تفريق ناهي [illegible] ۽ روين جي تفريق آهي. [illegible]

[illegible] هن کي بريسٽ ڪينسر آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي ته ڪيس ڪڏهن اهو وهم وگمان به نه ٿيو ته کو "بريسٽ ڪينسر" جي ڪڏهن پاٽمراڊو چڪاس به ڪرڻ کپي. سنڌس خيال آهي ته آڪٽوبر ۾ موبائيل وسيلي آگاهي پيغام هلندا آهن پر اهي پڙهڻ باجود پڙهيل لکيل عورتون به شايد ٿي انهن تي ڪو ڌيان ڏيندون هجن ۽ پڌايل طريقن تي عمل ڪنديون هجن. صدف رضا جي مرض جي تشخيص ٿيڻ بعد بنا دير سنڌس علاج ڪراچيءَ ۾ شروع ٿيو ڇو جو

خوشقسمتي، سان هوءَ معاشي ۽ سماجي طور مستحڪم گهراڻي سان تعلق رکندڙ هئي ۽ سائنس ساٿ ڏيڻ لاءِ هن جو [illegible] هو. علاج دوران سخت پيڙاءُ. سماجي رويا ڪڏهن پوريندا رهيا ۽ سنڌس ٻارڙن جي [illegible] مستقبل جا خواب صدف رضا جي همت [illegible] ٻڌائي ٿي ته ڪيس جڏهن پهريون ڀيرو [illegible] ڏينهن پنهنجي پٽ کي هڪ [illegible] کي بي پيءُ وٽ ڇڏڻو پيو ۽ ٻن هفتن [illegible] ٻارن جي صحت نسبتن ڪمزور ۽ [illegible] لاپرواهي ڏني ته ڪيس شديد اذيت [illegible] ٿيس ته جيڪا سار سنڀال ماءُ ڪري [illegible] به نٿو ڪري سگهي. گهر ڀاتين جو [illegible] ڪينسر سان جهيڙيندڙ عورت لاءِ [illegible] اهو بظاهر سادو سوال محسوس ٿي رهيو [illegible] ڏيندي صدف رضا پنهنجي ڪيفيت [illegible] ڪرڻ وقت بي اختيار ڳوڙها ڳاڙيندي [illegible] چوڻ آهي ته "نون مهينن جي ڪيموٿراپيءَ [illegible] پائرن به مون وٽان پيرو نه ڪيو". صدف [illegible] ان انهن لاءِ تڙپندي هيس". سماجي رويي [illegible] ته اهو مريض کي اهو احساس ڏيارڻ جي [illegible] رهي ٿو ته هن کان ضرور ڪا اهڙي خطا [illegible] ان جي سزا طور ڪيس ڪينسر ٿي آهي. [illegible] ڪندڙ فرسود ڳالهيون ته ڪٿي اهو مرض [illegible] اچو نه پئجي وڃي. يا ڪيس گناهگار جو [illegible] بيماريءَ کي اللہ جو مٿس عذاب سمجهڻ [illegible] کي مرض سان جهيڙڻ بدران ويتر ڪمزور [illegible] ڪينسر جي علاج دوران مريض جو [illegible] مڪمل ختم ٿي وڃي ٿو بريسٽ ڪينسر [illegible] مهانگو ڌڪيو ۽ وقت طلبي ٿو ان دوران [illegible] ڪري همت هاري ويهنديون آهن ڇو جو [illegible] وارو، گڏ ويهڻ وارو ڪو ناهي هوندو. [illegible] ٿي ته جنهن سماج ۾ عورت لاءِ اڳيئي [illegible] رسمن جون رڪاوٽون هجن، بي بنياد [illegible] سماج ۾ سنڌس بيماريءَ کي بهانو [illegible] ڇڏيو ڏي. ڊپريشن ۾ مبتلا هڪ عورت [illegible] صدف رضا چوي ٿي ته "ته هڪ ڏينهن [illegible] ڪ ۾ انتظارگاهه جي بئنچ تي هڪ [illegible] شان محسوس ڪيم ته پڇا ڪيم ادي چو [illegible] پهرين ته زار وقطار روئڻ شروع ڪيو ۽ [illegible] انهنجا ڪيموٿيراپي جا ڇهه سيشن ٿي [illegible] ۾ مهانگو هجڻ ڪري منهنجو مڙس [illegible] پجندي هوئڻ ئي ڪو نه . پنهنجي [illegible] ٿي خرچ ڪندس ته سياڻي ٻچن جو ۽ [illegible] ڪيئن ڪنداسين. سو هو مونکي ڇڏي [illegible] ٿي ڊاڪٽر کي منٿ ميڙ ڪرڻ آئي آهيان [illegible] ڪري ۽ رعايتي اگهه تي منهنجو علاج [illegible] رضا ٻڌائي ٿي اهڙيون انيڪ درد ڪٿائون [illegible] ٿيون. بريسٽ ڪينسر بابت آگاهي [illegible] عورت جي سمجهه لاءِ آسان بنائڻ جي پڻ [illegible] اهم ترين مسئلي تي اهو سوچي [illegible] ڪرڻ ته اها شرم جي ڳالهه آهي بنه غلط

سوچ آهي. صدف رضا جو چوڻ آهي ته اها شرمساري حياتيءَ کان مٿي هرگز ناهي. صدف پنهنجي ان عزم کي جستجو فائونڊيشن جي نالي سان رجسٽر ڪرائي چڪي آهي جنهن جو مقصد خاص طور تي ٻي پهچ عورتن تائين پيغام پهچائڻ ۽ سنڌن هر ممڪن سهائتا ڪرڻ آهي.

پاڪستان ۾ هن موذي مرض ۾ مبتلا مريضن جي علاج لاءِ سهولتون اڻلڀ ۽ خرچ تمام مهانگو آهي. ٿيڻ ته ائين کپندو آهي ته ڇاتيءَ جي ڪينسر جي مريضن لاءِ علاج دوران سنڌن ذهني ۽ نفسياتي حوالي سان به ٽريٽمينٽ ٿيڻ گهرجي ته جيئن زماني جا تند تيز تير ۽ پنهنجن جا پروان جهڙا رويا جڏهن جهوري وجهن ته خوداعتماديءَ کي زند رکي جهيڙڻ جو جذبو برقرار رکجي. صدف رضا پاڻ هن مرض کي هڪ پيرومات ڏيئي چڪي آهي انڪري ئي ڪيس يقين آهي ته هوءَ پيهر به ڪينسر کي سنڌس زندگيءَ مان سينسر ڪري ويندي. گڏوگڏ اهو ئي جهزبو بيدار ڪندي هوءَ بريسٽ ڪينسر ۾ مبتلا ٻين عورتن کي پڻ دلداري ڏئي ٿي. ته سماجي رويا درگذر ڪريس ڪير ڪنهن جو ناهي، توهانکي پاڻ مضبوط ٿيڻو پوندو. پنهنجي صحت لاءِ ۽ جسماني تبديلين تي نظر رکو توهان آهيو ته سڀ ڪجهه آهي. پاڻ شروع ۾ ڳالهه ڪئي سين پنڪٽوبر جي. پنڪٽوبر يعني آڪٽوبر جو مهينو هر سال ڇاتيءَ جي ڪينسر (بريسٽ ڪينسر) بابت عام عوام بالخصوص عورتن ۾ ان بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ جي حوالي سان ملهايو وڃي ٿو. سڄو مهينو ان حوالي سان ڪاليجن، يونيورسٽين، فلاحي تنظيمن، ۽ سرڪاري توڙي نجي ادارن پاران سيمينار منعقد ڪيا وڃن ٿا. طبي ماهرن کان معلوماتي سيشن ڪري عورتن کي پاٽمرادو چڪاس ڪرڻ سميت ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت بي ضروري ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. پر تنهن هوندي ۽ هن مرض ۾ مبتلا عورتن جو انگ ڏينهن وڏينهن وڌندڙ آهي. ڇاتيءَ جو ڪينسر، عالمي سطح تي لکين زندگيون ڳڙڪائي چڪو آهي. هي مرض نه رڳو هڪ جسماني چئلينج آهي پر ڪينسر سان جهيڙيندڙ عورتن کي مختلف سماجي ۽ ثقافتي رڪاوٽن کي به منهن ڏيڻو پوي ٿو ڪيترن ئي سماجن ۾، ان تي ڳالهائڻ کان لنوائڻ، غفلت، ۽ عورتن جي ان بابت ڄاڻ نه هجڻ، هن بيماريءَ سان وڙهڻ وارن لاءِ جدوجهد کي ويتر ڏکيو ڪري ڇڏي ٿو. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايڇ او) مطابق، ڇاتيءَ جو ڪينسر سڄي دنيا جي عورتن ۾ سڀ کان وڌيڪ رپورٽ ٿيندڙ ڪينسر جو قسم آهي. صرف 2020 ۾ تقريبن 2.3 ملين نوان ڪيس منظرعام تي آيا. چيلنجز باوجود، سائنسي ٽيڪنالاجي ۾ پيش رفت ڇاتيءَ جي ڪينسر جي خلاف جنگ ۾ هڪ نئين اميد ضرور پيدا ڪئي آهي. جهڙوڪ علاج جو طريقيڪار، دوا درمل توڙي مرض جي اڳڪٿي يا ابتدائي مرحلي ۾ چڪاس لاءِ آرٽيفيشل انٽيليجنس جو انقلاب پڻ اچي چڪو آهي. جنهن سان مريضن جي بچاءَ جي شرح بهتر ٿيندي ۽ مريضن جي زندگي جو معيار وڌائيندي. تنهن هوندي ۽ اسانجي سماج ۾ موجود ريتن رسمن ۽ ٻين سماجي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ ۽ جامع مدد فراهم ڪرڻ لاءِ بهترين نتيجا حاصل ڪرڻ اجا مشڪل ڏسجي ٿو.

> پاٻوهي هيڪار، مون کان پڇيو سڄڻين:
> اَلَسـتُ بِرَبِّڪم، چيائون جنهن وارَ:
> سَنڌي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڌهانڪون نه لهي.

پريا ڪماري جو اغوا

حسين آزاد

پريا ڪماري معصوم آهي هن ته ڪو به آسماني خدا جي ڌرتي تي ايڏو وڏو ڏوهه نه ڪيو آهي جو آسماني خدا ڪيس ڪنهن خون خوار باز موڪلي مٽي پنهنجي عدالت ۾ ڪٺائي ورتو هجي. نه زمين کي حڪم ڪيو هونداٽي نه پريا کي ڳيهي وڃ هن کي نه خدائي عدالت گناهن ۽ غلطين کان پاڪ ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته هوءَ معصوم آهي معصوميت پاڪ پائي جيان پويتر آهي هوءَ ستن سالن جي عمر ۾ ئي ڪنهن ارڙ نانگ جي ور چڙهي ويئي آهي ۽ سوچجي ته ان معصوم مان ان ارڙ نانگ جو نه پيٽ ڀريو، نه ان کا زر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، هوءَ ٽن سالن کان سانوڻ جي مندجي نانگ جي وات ۾ معصوم ڏيڏري جيان ورتل آهي ۽ سنڌس پساهه کي بچائڻ جون معصوم ۽ بي وس دانهون سرڪار جي صدارت جي ڪرسي تي ويٺل سنڌ ڇائي سردار يا اسيمبلي ۾ چور دروازي کان چونڊيل ميمبرن جي ڇپن تي پلي ان جي معصوميت جي احساس جي مهر لڳل هجي پر پريا جي امڙ جي ممتائي حس ان معصوم نياڻي جي ٻي حسي نگهائڻ جي جهلڪ پسڻ کان هڪ پل به اوجهيل نه رهي آهي، سنڌس اکين مان وهندڙ نير ۽ پريا جي پيار جون ڇوليون هڻندڙ دريائي دل ۾ اهڙي طوفان جي عڪاسي ڪري پيو جنهن ۾ نه ٻڌي سگهي ٿي نه تري ڪنهن ڪناري جي ڪنڌي تي بيٺل ڪچڙي گاهه ۾ هٿ وجهي وجود جي بچاءَ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي، پريا جي اغوا ۽ ٽن سالن جي عوام جي هيڏي آواز کان پوءِ به پتو نه پوڻ هڪ طبقاتي معاشري ۾ انهن سيني پريا جي امڙين جو دامن جهوري ڇڏيو آهي، جيڪي امڙيون انسانيت جي حيثيت ۾ خدا طرف منهن ڪندي ان شڪايت جي بجانب حقدار بنجي رهيو آهن ته اي خدا شيطان سوچي سمجهي آدم کي سجيدي ڪرڻ تي تنهنجي نا فرماني ڪئي هوندي پريا جي امڙ نافرمان شيطان جي شر کي ڏوهه ڏيڻ تي ويساهه نٿي رکي پر هوءَ انهي طبقاتي سماج ۾ سمايل سردارن، سيٺين ۽ وڏيرن جي هٺرادي هٿڪنڊن تي ڌانهيدي چوي ٿي، ڇا آئون سنڌ ڌرتي جي ڄائي نه آهيان؟ ڇا آئون غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيل واڄائي آهيان جنهنڪري منهنجي پريا تي رياست جو ڪوڏيان نٿو ڌرجي هوءَ چوي ٿي جيڪڏهن ڪنهن سردار پير مير جي پريا هجي ها ته سرڪار زمين به ڦاڙي پريا کي آزاد ڪيو وڃي ها پريا جي امڙ کي ته اسرائيل ۽ فلسطين جي جنگ به آئت نٿي ڏئي جنهن ۾ هوءَ اهيو سمجهي سهمت ڪري ها ته ڪنهن بارودي گولي جي ور چڙهي شهادت جو جام پيتو هونداٽي پر هوءَ امڪان جي اهڙي وادي ۾ ڦاٿل آهي جو ڪيس رڳو امڪاني منجهه جا اوڪارا نصيب ٿيل آهن هوءَ سمنڊ جي اهڙين لهرن جي ور چڙهيل آهي جتي رڳو پريا جي پيار جي يادن جا منگر مڇ ڏنگي رهيا آهن هو نه مري سگهي ٿي نه جي سگهي ٿي هو ڌرتي تي ويٺل خدائن کي ٻڌائي ٿي پر ان ٻڌتر جو شڪار ٿيل آهي ته متان منهنجي پريا نمرودي خدائن جي انائن جو شڪار ٿي ڪٿي ساهه جو سگهو ته نه ٿئي پويس سوشل ميڊيا جي اسڪرين تان پريا جي امڙ جي سسڪين مان ائين محسوس ٿئي ٿو ته پريا جي امڙ جي لطيف جي ڪردار جو هو به هوءَ حقيقت آهي جنهن ۾ لطيف چئي ٿو

> الست بي ربيڪم جڏهن ڪن پيوم "
> قالوبلا قلب سي تت چيوم
> "تنهن وير ڪيم ، وچن ويڙهيچن سي

هوءَ پنهنجي شهر سنگرار جي ڪنهن سنگ دل بدنيت نظر جي ڪوڙڪي ۾ ڦسڻ جي بچاءَ لاءِ مذاحمت جي راهه ورتي هئي ۽ ان جي پوڳنا پريا بڻجي رهي آهي انسان جي بي وس سسڪين ۾ جڏهن شانتي ايندي آهي تڏهن هو ڪنهن سمجهوتي ڏانهن لاڙو رکندڙ محسوس ٿيندو آهي پر پريا جي آزادي لاءِ سسڪين جو هوا ۾ رخ آهي ۽ ڪٿي به دنگ نٿي ڪري هن جي اڏام سنڌ کان پرتي دنيا جي فضا جو سرحدن کان ڪراس ڪري چڪي آهي پر الميو اهيو آهي سنڌ سرڪار جي بيچن تي ويٺل ڪنهن به ان هوا ۾ هليل آواز جي همت افزائي نه ڪئي ۽ ڪنهن به مذمت نه ڪئي اسيمبلي جا اجلاس هلندا رهندا ۽ پريا جي آزادي جا جلسا روڊن رستن جي زينت بڻيا رهيا آهن پر پريا جي آزادي جو ڪو پڙاڏو ٿئي اهو خبر نه آهي ته ڪڏهن ڪنن تي پوندو جنهن جي پريا جي امڙ ويٺا ڪماري سان گڏ پوري سنڌ جا ڪن بي چين بڻيل آهن

بقايا 01 ❊❊❊

پناهگاهن تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو ويو، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ علائقائي نقط نظر جي ضرورت تي زور ڏنو. اجلاس دوران چيف آف آرمي اسٽاف جنرل سيد عاصم منير ملڪ کي درپيش دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي جي لاءِ هٿياربند فوج جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته قوم گڏيل ٻن ڏهاڪن ڪان دهشتگردي جي خلاف جنگ وڙهي رهي آهي ۽ پاڪستان جي دشمن جي ڪڏي ارادن کي ناڪام بڻايو آهي. آرمي چيف دهشتگردي جي واقعن ۾ تازي اضافي جي حوالي سان چيو ته پاڪستان جي دشمن هڪ ڀيرو ٻيهر رياست ۽ پاڪستان جي عوام جي حوصلي ۽ عزم جو غلط اندازو لڳايو آهي. هن چيو ته اسان دهشتگردي جي خلاف ان وقت تائين جنگ وڙهنداسين جيستائين پاڪستان، ان جي عوام ۽ هتي ڪم ڪندڙ غيرملڪي مهمانن تي بري نظر رکندڙ هر دهشتگرد جو خاتمو نٿو ٿي وڃي. اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏينداسين ته هر غيرملڪي شهري خاص طور تي چيني شهري جيڪي پاڪستان جي خوشحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن پاڪستان ۾ محفوظ رهن. اسان پوري طاقت سان دهشتگردي جو آخري دم تائين مقابلو ڪنداسين. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن رياست جي سمورن وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 02 ❊❊❊

واڌ کي ڏسندي سرحد جي صورتحال ۾ بنيادي تبديلي جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جو ڳڙهه افغانستان آهي. اسان جي ڪوشش باوجود ڪابل ان معاملي تي ڪا اڳڀرائي نه پيو ڪري. سنڌس چوڻ هو ته دهشتگردي جي ٺڪاڻن بابت علم هجڻ باوجود انهن جي سرزمين دهشتگرد پاڪستان خلاف آزاداڻي طور آپريٽ ڪري رهيا آهن. خواجا آصف چيو ته پاڪ – افغان سرحد روايتي سرحد کان مختلف آهي. موجوده حالتن ۾ جڏهن ڪابل جو سهڪار ناهي ته پاڪستان کي ان سرحد تي عالمي قانون لاڳو ڪرڻا پوندا.

بقايا 03 ❊❊❊

چيما ۽ طلال چوڌري بنا مقابلي سينيٽر چونڊجي ويا آهن. جڏهن ته حڪومتي اتحاد جو محسن نقوي به بنا مقابلي سينيٽر چونڊجي ويو. ان ڪانسواءِ سني اتحاد ڪائونسل جو راجا ناصر عباس ۽ حامد خان به سينيٽر چونڊجي ويا آهن. ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي مصطفيٰ رمدي پنهنجا نامزدگي ڪاغذ واپس ولي ڇڏيا هئا. جڏهن ته جنرل سيٽ تي شهزاد وسيم، مصدق ملڪ، وليد اقبال ۽ عمر اعجاز چيمه ڪاغذ واپس ورتا.

بقايا 04 ❊❊❊

ميڊيا تي جاري ڪيل وڊيو ۾ اعلان ڪيو ته جي يو آءِ جو ڪو به اميدوار نئين چونڊ ۾ حصو نه وٺندو. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان اٺ فيبروري جي چونڊن جا نتيجا رد ڪريون ٿا. اٺ فيبروري جي چونڊ نتيجن خلاف 25 اپريل کان بلوچستان مان احتجاجي تحريڪ شروع جو اعلان ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان عوام وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عوام کي متحد ڪري اعتماد ۾ وٺنداسين. هن چيو ته ڪراچي، پشاور ۽ لاهور ۾ به جلسا ڪيا ويندا. ٻين سياسي پارٽين سان به رابطو ڪري رهيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن بيوس آهي. ان کي نتيجا مرتب ڪرڻ جي اجازت نه آهي.

بقايا 05 ❊❊❊

چيني شهري مارجڻ تي تعزيت جو اظهار ڪيو. صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستاني قوم چيني عوام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي. جوابدارن کي پڪڙي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين. چيني شهرين جي سيڪيورٽي لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا. هن چيو ته اهو پنهنجي ملڪن وچ ۾ پائيدار دوستي تي حملو آهي. چيني

سفير دورو ڪرڻ تي صدر جا ٿورا مڃيا ۽ پاڪستان ۾ چيني ڪارڪنن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن چيو ته چيني ڪارڪنن پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. دهشتگرد انسانيت جا دشمن آهن. بي ڏوهه ماڻهن کي نشانو بڻائيندڙن کي پڪڙڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 06 ❊❊❊

يقيني بڻائڻ ۽ انهن جي زندگين جي حفاظت يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. بيجنگ ۾ پريس بريفنگ دوران چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ متاثرن سان تعزيت ڪيون ٿا. چين ان واقعي تي پنهنجو پختو موقف واضح ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 07 ❊❊❊

ايڪشن پلان گڏ آڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ سمگلنگ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ گهرو وزارت کي اهم ٽاسڪ ڏيڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ سمگلنگ جي روڪٿام لاءِ ڪريڪ ڊائون ٻيهر شروع ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب وزيراعظم جي سربراهي ۾ ٿيندڙ اجلاس ڪانهي سمگلنگ جي روڪٿام بابت حتمي حڪمت عملي طئي ڪئي ويندي.

بقايا 08 ❊❊❊

پنجائت جي سڏ تي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو. اسڪولي ٻارن ۽ شهرين جي شرڪت. سنگرار مان 3 سال اڳ اغوا ٿيل پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ڪنب ۾ به استادن ۽ شاگردن پاران پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ٻاڊهه ۾ به شهرين پريا ڪماري جي آزادي لاءِ مظاهرو ڪيو. پريا ڪماري جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا 09 ❊❊❊

عدالت ۾ ٻڌڻي دوران سرڪاري وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سڪيورٽي خدشن سبب جلسي جي اجازت نه ڏني وئي هئي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته ڪنهن جو اسيمبلي جو حق ڪسي نه ٿو سگهجي. جيڪي شرط نارمل هوندا آهن اهي لڳايو ان ۾ ڪو حرج ناهي. اوهان شرط، قائدا ۽ ضابطا طئي ڪريو. ڪو به غير معمولي شرط لاڳو نه ڪيو وڃي. جيڪي معياري تي اوار هوندا آهن ان موجب اجازت ڏئي ڇڏيو. پي ٽي آءِ جي وڪيل شير افضل مروت چيو ته هو هائي 6 اپريل تي اسلام آباد ۾ جلسو ڪرڻ چاهن ٿا. ڪالهه جيڪو واقعو ٿيو اهو ڊي سي جي جلسي جي اجازت نه ڏيڻ تي ٿيو آهي. هو هر قسم جي شرطن جي پابندي لاءِ تيار آهن. چيف جسٽس پي ٽي آءِ جي وڪيل کي هدايت ڪئي ته رڳو خيال رکو ته ڪو ڦڏو نه ٿئي. ٻهريان وارا چيف جسٽس به جلسي جي اجازت ڏيندا رهيا آهن. هن به آرڊر ڪيو آهي. سرڪاري وڪيل چيو ته ڪالهه دهشتگردي جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي. جنهن تي عدالت چيو ته زندگي رڪجي ته نٿي. هلندي رهي ٿي. هو اهڙي طرح دهشتگردي جو خاتمو ڪرڻ چاهن ٿا. سرڪاري وڪيل عدالت کي اپيل ڪئي ته ڪيس هدايتون وٺڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي. جنهن تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو ته هو اوهان جي رضامندي نه ٿو گهري. فيصلو ڪيس ڪرڻو آهي. عدالت ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته پي ٽي آءِ کي اسلام آباد ۾ جلسي جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا 10 ❊❊❊

تي دهشتگرد حملن جي مذمت ڪري ٿو، پاڪستان کي ايران سان ڪنهن به منصوبي تي وڃڻ کان پرهيز جي صلاح ڏيون ٿا، ايران سان ڪاروبار سان اسان جي پابندين هيٺ اچڻ جو خطرو آهي. پاڪستاني عوام دهشتگردي سبب سخت متاثر ٿيو آهي. هن چيو ته ڪنهن به ملڪ کي دهشتگردي جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. دهشتگردي جي حملي ۾ متاثر ٿيندڙن سان دلي همدردي جو اظهار ڪريون ٿا. جانين جي زيان ۽ زخمين تي گهرو ڏک ٿيو آهي.

بقايا 11 ❊❊❊

جتي سي ٽي اسڪين ۽ ايڇ آر سي ٽي اسڪين ڪيو ويندو.

بقايا 12 ❊❊❊

خابرو اداري موجب روسي اختيارين جو چوڻ آهي ته سمورا گرفتار دهشتگرد تاجڪستان جي تخت گاهه دوشنبي جي پروارن علائقن سان واسطو رکن ٿا. روسي اختيارين موجب گرفتار شڪي ماڻهن مان فريدوني شمس الدين جو تاجڪستان ۾ گهر سيل ڪيو ويو آهي. بيڪري ملازم فريدوني 6 مهينا اڳ روس آيو هو ۽ باقاعدي سان رقم گهر موڪليندو هو. روسي ڳجهي ايجنسي جو چوڻ آهي ته حملي بوبان امڪاني طور تي آمريڪا، برطانيا ۽ يوڪرين آهن. جوابدارن حملي ڪانپوءِ يوڪرين فرار ٿيڻ چاهيو.

بقايا 13 ❊❊❊

اسڪينڊل جي جاچ لاءِ جوڙيل جي آءِ ٽي ڪم مڪمل ڪري رپورٽ گهرو وزارت کي موڪلي ڇڏي. رپورٽ موجب 2019 ۽ 2023 دوران نادرا مان شهرين جي ڊيٽا چوري ڪئي وئي. ڪراچي، ملتان ۽ پشاور ۾ نادرا آفيسون ڊيٽا ليڪ اسڪينڊل ۾ ملوث نڪتيون. نادرا جي ڪيترن ئي اعليٰ آفيسرن خلاف ڪارروائي جي به سفارش ڪئي وئي. نادرا جو ڊيٽا ملتان کان پشاور ۽ پوءِ دبئي ويو. ڊيٽا ارجنٽائن ۽ رومانيا ۾ وڪرو ٿيڻ جا ثبوت مليا. گڏيل جاچ ٽيم ۾ حساس ادارن سميت نادرا جا اعليٰ آفيسر به شامل آهن.

بقايا 14 ❊❊❊

جي قونصل جنرل نورين حسين نورياڻ حسين سان هڪ تقريب جي موقعي تي ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي ڪنيل حسين هن چيو ته پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ گهرا تجارتي ۽ ڪاروباري لاڳاپا قائم آهن. هن چيو ته گذريل 24 سالن دوران ايران جي پاڪستان کي برآمدات ۾ سالياني 13.5 سيڪڙو جي شرح سان اضافو ٿيو آهي. جڏهن ته ان ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي. ڪنيل حسين چيو، هن چيو ته پاڪستان-ايران ٻطرفي واپار کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ آزاد واپار جي معاهدي کي باضابطه بڻائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ٽيرف ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ۽ ٻنهي ملڪن جي شين ۽ خدمتن تائين وڌيڪ مارڪيٽ تائين پهچ کي يقيني بڻائي سگهجي. 1.448 بلين ڊالر جڏهن ته ايران کي پاڪستان جون 842.8 ملين ڊالر جي برآمدات رڪارڊ ڪيون ويون. جنهن سان ٻنهي ملڪن جي معيشت وڌيڪ مستحڪم ٿيندي. ان موقعي تي ايران جي قونصل جنرل نورياڻ حسين چيو ته ٻنهي ملڪ ايران لاءِ تمام گهڻا قدم کڻي رهيا آهن. هن چيو ته ايران ۽ پاڪستان وچ ۾ واپار کي بهتر بڻائڻ جي وڏي صلاحيت آهي. پر مختلف چئلينجز جن ۾ اسمگلنگ جو مسئلو ۽ مختلف شين تي ٽيرف شامل آهن. واپاري صلاحيت جي وڌ کان وڌ استعمال ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. هن چيو ته مسلمان ملڪ پاڪستان ۾ امن چاهين ٿا. خطي ۾ ڀائيچارن لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ سان گڏوگڏ پاڪستان-ايران سيڙپڪاري به ثقافتي، تجارتي ۽ اقتصادي لاڳاپن ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو.

بقايا 15 ❊❊❊

ٻڌل آهي. پاڪستان پوري دنيا جي امن جي لاءِ ملڪن جي وچ ۾ حصيداري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن افطار ڊنر کي خطاب ڪندي ڪيو. پرڏيهي وزير چيو ته وزيراعظم کي پرڏيهي وزارت ۾ خصوصي بين المذاهب افطار ڊنر ۾ پليڪار جون اعزاز جوڳو آهي. بين المذاهب افطار ڊنر ۾ سفارتي برادري جي موجودگي جي لاءِ ٿورائتو آهيان. هن سفيرن کي پاڪستان ۽ پنهنجي ملڪن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ تعاون جي فروغ ۾ ڪردار کي ساراهيندي چيو ته سڄي دنيا جي مسلمانن جي لاءِ رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جي خاص مذهبي ۽ سماجي اهميت آهي. پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان گهڻ رخي، امن، ترقي ۽ گڏيل خوشحالي جو علمبردار رهندو. هن چيو ته پاڪستان 2025ع ۽ 2026ع جي لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي غيرمستقل سيٽ جي لاءِ اميدوار آهي. ايشيا پيسفڪ گروپ جي ملڪن ان سلسلي ۾ پاڪستان جي حمايت ڪئي آهي. پاڪستان جي حمايت جي لاءِ اسان انهن ملڪن جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون. پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان سلامتي ڪائونسل ۾ غيرمستقل سيٽ جي لاءِ ٻين سمورن ملڪن جي حمايت جو خواهشمند آهي. ڪائونسل ۾ پنهنجي مدي دوران پاڪستان عالمي امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڪائونسل جي مينڊيٽ کي فروغ ڏيندو. پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو ته رمضان المبارڪ ۾ اسان کي غزه جي مسلمانن کي نه وسارڻ گهرجي. غزه جي مسلمان کي گذريل ڇهن مهينن کان بک ۽ جنگ درپيش آهي. هن چيو ته غزه ۾ فوري ۽ غيرمشروط جنگبندي جو وقت اچي ويو آهي. جنگبندي جو مطالبو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ڪيو آهي. علائقائي تڪرارن جي حل کانسواءِ امن ۽ خوشحالي جو خواب پورو نه ٿو ٿي سگهي. پرڏيهي وزير چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي فلسطين ۽ ڪشمير سميت پراڻي تڪرارن کي حل ڪيو وڃي. هن هفتي ماسڪو ۾ ۽ بشام ۾ ٿيندڙ حملا ياد ڏيارين ٿا ته دهشتگردي پوري دنيا جي لاءِ خطرو

آهي، پاڪستان ان خطري کي منهن ڏيڻ جي لاءِ علائقائي ۽ عالمي حصيداري کي فروغ ڏيندو رهندو، هن چيو ته قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي "جيڪو ڪنهن هڪ جي حياتي کسيندو ان جڻ ته پوري انسانيت کي قتل ڪيو ۽ جنهن هڪ حياتي بچائي ان پوري انسانيت کي بچايو" پرڏيهي وزير چيو ته امن جي فتح تائين دهشتگردي جي خلاف اسان جي جنگ ختم نه ٿيندي. اسان وٽ اختلاف کان قطعي نظر قومن جي وچ ۾ مڪالمي ۽ افهام تفهيم کي فروغ ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو آهي.

بقايا 16 ❊❊❊

۾ ميمبر صوبائي اسيمبلي جي ميمبر سميتا سيد، ڊائريڪٽر ايڊمن اينڊ اڪائونٽس محمد يوسف ڪابورو، ڊائريڪٽر سوشل ميڊيا فيصل فاروقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سنڌ جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد سليم خان چيو ته سوشل ميڊيا معلومات تائين رسائي ۽ منتقلي جو اهم ذريعو بڻجي چڪو آهي. سوشل ميڊيا، ڊجيٽل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ آرٽيفيشل انٽيليجنس واري سافٽ ويئر جو مؤثر استعمال ڪيو وڃي. هن چيو ته اطلاعات کاتي جي آفيسرن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس سافٽ ويئر بابت ٽريننگ ڏني وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا مئنيجمينٽ جي شعبي ۾ ٿيندڙ تبديلين کان باخبر رهڻ لاءِ آفيسرن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ جي ضرورت آهي. سوشل ميڊيا مانيٽرنگ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ جي سمورن ملازمن جي حاضري ضروري آهي.

بقايا 17 ❊❊❊

ملاقات ۾ پاڪستان ۽ برطانيا وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه، برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر کي آگاهه ڪيو ته انفراسٽرڪچر، واٽر سپلاءِ، سيوريج ۽ گورننس جي بهتري تي ڪم ڪري رهيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکندي واٽر سپلاءِ، سيوريج ۽ روڊن جي انفراسٽرڪچر جي بحالي تي ڪم ڪري رهي آهي. سيد آصف حيدر شاهه موسمياتي تبديلين جي اثرن بابت ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ هڪ سيڪڙو کان به گهٽ حصو وجهي ٿو پر پاڪستان موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ملڪن جي فهرست ۾ سڀ کان مٿي آهي. 2022 جي ٻوڏ سبب پاڪستان کي 32 بلين ڊالرن جو نقصان ٿيو ۽ ماحول کي مستقبل ۾ به خطرو رهندو. هن وڌيڪ چيو ته موسمياتي تبديلين سبب سنڌو درياهه به تمام گهڻو متاثر ٿي رهيو آهي. سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه چيو آهي ته وفاقي سطح تي Living Indus شروع ڪيو ويو آهي. اهو منصوبو ماحولياتي ماهرن، سمورن اسٽيڪ هولڊرز ۽ صوبائي حڪومتن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ تيار ڪيو ويو آهي ۽ چاهيون ٿا ته برطانوي حڪومت موسمياتي تبديلين کي منهن ڏين لاءِ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪري. سيد آصف حيدر شاهه وڌيڪ چيو ته برطانوي سيڙپڪارن لاءِ سنڌ ۾ توانائي، ماحوليات ۽ زراعت جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جا موقعا موجود آهن. برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ساره موني لونگ انڊس پروجيڪٽ جي سهڪار ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو. چيف سيڪريٽري سنڌ برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر کي ثقافتي تحفا پيش ڪيا.

بقايا 18 ❊❊❊

موجب گودام چورنگي ويجهو واپاري متين کان 5 لک رپيا ۽ ڪورنگي نمبر سا ڍي 3 وڳي ۾ گهارو مان آيل واپاري کان 35 هزار رپيا ڦر ڪري ويا. هروڏانهن گلستان جوهر بلاڪ آءِ ۾ جوابدار بيڪري جي ٻاهران موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا. ٻئي طرف اورنگي ٽائون ۾ پوليس مقابلي دوران فرار ٿيل ڌڪتن هٿان هڪ عورت مارجي وئي ۽ لانڍي نمبر 6 ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان زخمي ٿي پيو ان کان علاوه منگهوپير ۾ پوليس اهلڪارن جي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو. جڏهن ته ڪراچي جي مختلف علائقن مان 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 19 ❊❊❊

مان ٻن ڄڻن جا هٿ پڌل لاش هٿ آيا آهن. ايس ايس پي اولهه موجب لاش ناردرن بائي پاس تي زرياب هوٽل پرسان مليا آهن. شروعاتي جاچ موجب ٻنهي ڄڻن کي مٿي ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. ايس ايس پي اولهه وڌيڪ ٻڌايو ته هڪ ڄڻي جي سڃاڻپ شاهه زمان پٽ علي نواز جي نالي سان ٿي، ٻئي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. ايس ايس پي اولهه موجب واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪيون ويون آهن. مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 20 ❊❊❊

۾ سادن ٽن مهينن ڪانپوءِ بلند ترين سطح جو رڪارڊ ٿئي ويو. 100 انڊيڪس 641 پوائنٽن جي واڌ سان 66547 پوائنٽن جي رڪارڊ سطح تي بند ٿيو. ان کان اڳ ڊسمبر 2023 ۾ اسٽاڪ مارڪيٽ 66426 پوائنٽن جي رڪارڊ سطح تي بند ٿي هئي. بازار ۾ اڄ 35 ڪروڙ 45 لک شيئرز جا سودا ٿيا. شيئرز بازار جي ڪاروبار جي ماليت 11 ارب 88 ڪروڙ رپيا رهي. مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن 81 ارب رپيا وڌي 9346 ارب رپيا آهي.

بقايا 21 ❊❊❊

آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري پڌرائي موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ داسو هائيڊل پاور پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين تي بشام ۾ دهشتگرد حملي ڪانپوءِ اعليٰ سطحي هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن، چيف آف آرمي اسٽاف، وڏن وزيرن، چيف سيڪريٽريز ۽ لاڳاپيل شعبن جي انسپيڪٽر جنرل پوليس شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پاڪستان ۾ ترقياتي منصوبي تي ڪم ڪندڙ معصوم شهرين تي ڪڏي حملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. هي منصوبو پاڪستان ۾ توانائي ۽ پاڻي جي تحفظ جي حوالي سان آهي. وزيراعظم حملي ۾ فوت ٿيندڙ بيگناهه چيني شهرين جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي انهن کي يقين ڏيارين ته ان وحشيائي فعل جي ڏوهارين کي جلد انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. وزيراعظم پاڪستان چين جي عوام جي وچ ۾ پائيداري جي پائيدار رشتي کي اجاگر ڪندي چيو ته پوري قوم چيني شهرين جي جانين جي زيان تي ڏکويل آهي. هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مقامي ماڻهن پاران حملي تي فوري ردعمل کي ساراهيو جنهن ۾ ڪيترن ئي قيمتي جانين کي بچايو ويو. وزيراعظم هدايت ڪئي ته رياست جي سمورن وسيلن کي استعمال ۾ آڻيندي ان واقعي جي گڏيل جاچ ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته دهشتگردي هڪ عالمي خطرو آهي جنهن کي پاڪستان جي دشمن پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي لاءِ استعمال ڪيو آهي. پاڪ چين دوستي کي نشانو بڻائيندڙن جي انهن قدمن جو مقصد ٻنهي پاڙي ملڪن جي وچ ۾ عدم اعتماد پيدا ڪرڻ آهي. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن ملڪ مان دهشتگردي کي مڪمل طور تي پاڙ کان پٽڻ اجلاس جي عزم جو اظهار ڪيو. شرڪت ڪندڙ سرحد پار دهشتگردن جي محفوظ پناهگاهن تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ علائقائي موقف جي ضرورت تي زور ڏنو اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته بشام ۾ پيش ايندڙ افسوسناڪ واقعو پاڪ چين دوستي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش آهي. وزيراعظم واقعي جي مڪمل جاچ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. دهشتگردي جي خاتمي تائين سک سان نه ويهنداسين. پنهنجو ۽ پنهنجي دوستن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وفاق جون سموريون ڌريون هڪ پيج تي آهن. ڪنهن کي پاڪستان جي خلاف پنهنجي سرزمين استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پاڪ چين دوستي انشاءَ الله قائم رهندي. پي ٽي وي هيڊڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته گذريل ڏينهن بشام ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي، اهو واقعو پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش هئي. هن چيو ته چين پاڪستان جو آزمايل دوست آهي، هر مشڪل وقت ۽ عالمي فورمز تي چين سدائين پاڪستان سان گڏ بيٺل رهيو. هن چيو ته سي پيڪ ملڪ ۾ معاشي ترقي جو ضامن آهي، سي پيڪ جي ڪري اسان جي جي ڊي پي ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو. ان سان ملڪ ۾ روزگار جا لکين نوان موقعا پيدا ٿيندا. هن چيو ته ڪالهه جي واقعي ڪانپوءِ وزيراعظم محمد شهباز شريف سمورين مصروفيتون ختم ڪري چيني سفارتخاني جو دورو ڪيو ۽ چيني سفير سان قيمتي جانين جي زيان تي تعزيت جو اظهار ڪيو هن پڇو ته وزيراعظم چين جي سفير کي دهشتگردي جي واقعي جي مڪمل جاچ جي خاطري ڪرائي ۽ چيو ته پاڪستان حڪومت دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي. وفاقي وزير چيو ته اسان چيني پاڻرن سان همدرديءَ جو اظهار ڪريون ٿا. اهڙا واقعا پاڪ چين دوستي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش آهي. پاڪ چين دوستي انشاءَ الله قائم رهندي. وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو ته وزيراعظم جي صدارت ۾ سيڪيورٽي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن، چيف آف آرمي اسٽاف، چئني صوبن جي وڏن وزيرن، چيف سيڪريٽرين، آءِ جين گلگت بلتستان جي چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پڻ شرڪت ڪئي. هن چيو ته اجلاس ۾ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ۽ قوم کي پيغام ڏنو ويو ته پاڪستان جي سالميت ۽ مفاد تي وفاق جون سموريون ڌريون هڪ پيج تي آهن. اسان پنهنجو ۽ پنهنجي پراڻي دوستن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا. ان حوالي سان اجلاس ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪردار کي پڻ ساراهيو ويو جنهن گوادر، تربت واقعن ۾ وڏي جرئمندي سان قيمتي جانين جي زيان کي بچايو. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي ته اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ جيڪا حڪمت عملي ناهي وينديءَ ان جي لاءِ پاڻ ۾ ڪوآرڊينيشن جو نئون مڪينزم ناهيو ويندو. هن چيو ته اجلاس ۾ چيني شهرين جي مارجڻ جي واقعي جي جاچ جي حوالي سان جي آءِ ٽي قائم ڪرڻ تي پڻ مشاورت ٿي. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن جا حوصلا بلند هئا ۽ سڀ هڪ پيج تي هئا. عطاءُ الله تارڙ چيو ته 2013ع ۾ جڏهن اسان اقتدار ۾ آيا هئاسين ته روزانو دهشتگردي جا واقعا ٿي رهيا هئا پر 2018ع ۾ اسان هڪ پرامن پاڪستان ڇڏي وياسين. هن چيو ته اسان جو واضح پيغام آهي ته دهشتگردي جي

خاتمي تائين سڪ سان نه ويهنداسين، دهشتگردي جي ناسور کي پاڙ کان پٽي اڇلائينداسين. هن چيو ته چيني قوم ۽ قيادت جي لاءِ اسان جا جذبا آهن، هي اها قوم آهي جنهن پاڪستان جو هر محاذ تي ساٿ ڏنو، اسان انهن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ انهن واقعن جي روڪٿام جي خاطري ڪرايون ٿا. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ڪنهن کي پاڪستان جي خلاف پنهنجي سرزمين استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته اسان پنهنجي سمورن پاڙيسرين سان سٺا لاڳاپا چاهيون ٿا، اسان ڳالهه ٻولهه ذريعي معاملن جي حل تي يقين رکون ٿا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان ايس او پيز موجود آهن. هن چيو ته چيني شهرين جون ٻه ڪيٽيگريز آهن هڪ سي پيڪ پي ٻين منصوبن تي ڪم ڪن ٿا، ٻنهي کي سيڪيورٽي جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ عطاءُ الله تارڙ چيو ته باني پي ٽي آءِ، عثمان بزدار ۽ محمود خان کي نيشنل ايڪشن پلان جي ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس گهرائڻ کان ڪنهن روڪيو هو؟ عمران خان جي حڪومت ان تي ڌيان ڇو نه ڏنو. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي چين جي لاءِ جڏهن کان پوري قوم واقف آهي، چين سان اسان جا لاڳاپا اڄ جا نه آهن، پرڏهاڪا پراڻا آهن. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اسان دهشتگردي جي ناسور جو خاتمو ڪنداسين. اڄ جي اجلاس ۾ خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور پڻ وڊيو لنڪ ذريعي موجود هو، هن به سموري موقف جي تائيد ڪئي ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي حوالي سان سنڌن جذبن جو اظهار ڪيو. هن چيو ته ان معاملي تي پوري قوم هڪ پيج تي آهي. دهشتگردي جو خاتمو ڪيو ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته سيڪيورٽي جوانن ملڪ جي لاءِ پنهنجي جانين جون قربانيون ڏنيون. انهن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. وزيراعظم شهباز شريف گوادر جي لاءِ سيف سٽي پراجيڪٽ جو اعلان ڪيو هو. هن بلوچستان جي وڏي وزير کي چيو آهي ته هو ان تي ڪم شروع ڪري. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته قومي اسيمبلي جو اجلاس پهرين اپريل تي شروع ٿي رهيو آهي، ان ۾ چيني شهرين جي افسوسناڪ واقعي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيندي. مخالف ڌر کي به چونداسين ته اها ان معاملي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

بقايا 22 ❊❊❊

گڏ هئا. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن جي آفيس ۾ مختلف سيڪشنز جي ڪم جو جائزو ورتو. صوبائي وزير گاڏين جي رجسٽريشن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت به تفصيلي معلومات ورتي. شرجيل انعام ميمڻ رجسٽريشن ۽ ٽيڪسيشن جي آپريشنل مڪينزم بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪئي. صوبائي وزير انتظامي معاملن ۾ شفافيت ۽ جوابده هئڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اجتماعي ڪوشش تي زور ڀريو. سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت انتظامي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي بهتر بڻائڻ لاءِ سرگرم آهي. سنڌ حڪومت جو مقصد سمورن شهرين جي بهتر خدمت لاءِ ضروري سڌارا آڻڻ آهي.

بقايا 23 ❊❊❊

هيٺ فل ڪورٽ اجلاس ختم ٿي ويو. فل ڪورٽ اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ جي سڀني ججن شرڪت ڪئي. اجلاس تقريبن اڍائي ڪلاڪن تائين جاري رهيو. ذريعن موجب فل ڪورٽ اجلاس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي غور ڪيو ويو ۽ ججن جي خط جي آئيني ۽ قانوني حيثيت جو جائزو ورتو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته فل ڪورٽ اجلاس تي پڌرائي به جاري ڪرڻ جو امڪان آهي. واضح رهي ته چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن طرفان ڳجهن ادارن جي عدالتي معاملن ۾ مداخلت بابت خط تي فل ڪورٽ اجلاس طلب ڪيو هو چيف جسٽس ان سلسلي ۾ اٽارني جنرل سان به مشاورت ڪئي. جنهن ڪانپوءِ فل ڪورٽ اجلاس طلب ڪيو.

بقايا 24 ❊❊❊

جي رهائشگاهه تي پوليس چڙهائي ڪئي آهي. غلام مرتضيٰ جتوئي جي گهرواري نوين مرتضيٰ جتوئي الزام هڻندي چيو ته مورو، نوشهروفيروز، نوابشاهه ۽ ڪراچي جي پوليس 20 موبائلن ۾ سوار لڳ ڀڳ 20 اهلڪارن چڙهائي ڪئي. هن چيو ته مرد پوليس اهلڪار دروازا ٽوڙي گهر اندر داخل ٿيا. چادر ۽ چوديواريءَ جو تقدس پامال ڪيو ويو. مرتضيٰ جتوئي جي گهرواري الزام هڻندي چيو ته پوليس گهر جي جهڙتي ورتي ۽ المارين مان سامان ڪڍي ٻاهر اڇلايو. گهر ۾ رڳو عورتون موجود هيون. پوليس کي ٻڌايو به پر پوليس هڪ به نه ٻڌي. سنڌس چوڻ هو ته پوليس پاران گهر ۾ موجود ٻارڙن ۽ عورتن سان بداخلاقي ڪئي وئي ۽ هيسايو ويو. غلام مرتضيٰ جتوئي جي گهرواري نوين مرتضيٰ جتوئي چيو ته ڪين پيپلزپارٽي ۾ شامل نه ٿيڻ جي سزا ڏني پئي وڃي. ڪوڙا ڪيس داخل ڪري هيسايو پيو وڃي. هن چيو ته پيپلزپارٽي خلاف سياست ڪرڻ کي ڏوهه بڻايو ويو آهي. سنڌن گهر تي ڇاپو تمام وڏي رياستي دهشتگردي آهي. مرتضيٰ جتوئي جي گهرواري چيف جسٽس آف

پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌ ۾ رياستي دهشتگردي جو نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا 25 ❊❊❊

ايڊووڪيٽ جنرل خيبرپختونخوا سپريم ڪورٽ ۾ گذريل ٻڌڻي تي انٽرا ڪورٽ اپيلون واپس وٺڻ جو اشارو ڏنو هو. ڪي پي ڪابينا فوجي عدالتن واري معاملي تي انٽرا ڪورٽ اپيل واپس وٺڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ ڪابينا جي ميمبرن کان هنگامي بنيادن تي سرڪلر ذريعي منظوري ورتي. انٽرا ڪورٽ اپيل واپس وٺڻ لاءِ ڪي پي ڪابينا جي وزيرن کان سمري تي صحيحون ورتيون ويون. ذريعن جو چوڻ آهي ته صحيح ڪندڙن ارشد ايوب، شڪيل احمد، فضل حڪيم خان، عاقب الله خان، مينا خان، نذير احمد عباسي، سيد قاسم علي شاهه ۽ محمد زبير شامل آهن. ذريعن موجب، خيبرپختونخوا جي 7 وزيرن اپيل واپس وٺڻ واري سمري تي صحيحون نه ڪيون. جن ڪابينا ميمبرن صحيحون نه ڪيون انهن ۾ عدنان قادري، محمد سجاد، فضل شڪور ۽ پختون يار خان شامل آهن ان ڪانسواءِ آفتاب عالم آفريدي، خليق الرحمان ۽ فيصل خان ترڪئي به صحيحون نه ڪندڙن ۾ شامل آهن.

بقايا 26 ❊❊❊

صنعتي ٽيرف ۾ گهٽتائي لاءِ ڪيپسٽي چارجز گهٽ ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ تجويز ڏني آهي ته ملڪي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ٽون پاور پلانٽن کي هلايو وڃي ۽ انهن پلانٽن مان مڪمل پيداواري صلاحيت حاصل ڪئي وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف موجب ائين ڪرڻ سان بجلي ٽيرف ۾ 18 رپيا ڪيپسٽي چارجز ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي. جڏهن ته ٽون پاور پلانٽس سان سڄي بجلي نه خريدڻ تي واهپيدارن تي ساليانو به هزار ارب رپين جو بار ايندو آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف تجويز ڏني آهي ته مقامي گئس سان سرڪاري شعبي جي 5 هزار ميگا واٽ واري گئس پاور پلانٽن کي هلايو وڃي، جنهن سان ايل اين جي جي پيٽ ۾ 10 کان 14 رپيا في يونٽ سستي بجلي پيدا ٿيندي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته سمورن صنعتي زونز کي بنا وقفي بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم به پاور ڊويزن کي واڌو بجلي صنعتن کي فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 27 ❊❊❊

عدليه ۾ ڳجهن ادارن جي مبينه مداخلت جي حمايت ۾ سامهون اچي ويون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط تي 4 بار ايسوسي ايشنز جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان جاچ ۽ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. اسلام آباد بار ايسوسي ايشن جو هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن پاران سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي خط لکڻ جي معاملي تي غور ڪيو ويو جنهن دوران بار ايسوسي ايشن پاران عدليه جي آزادي ۽ خودمختياري خلاف مداخلت ۽ قدمن تي لکيل خط تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو پڌرائي موجب عدليه جي آزادي جي ڳالهه ڪرڻ عدليه، انصاف ۽ سماج لاءِ سخت نقصانڪار آهي. پڌرنامي ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان کان واقعي جي جاچ ۽ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندي چيو ويو آهي ته هو عدليه جي آزادي لاءِ تحريڪ شروع ڪرڻ کان به درغ نه ڪندا. آزاد ۽ خود مختيار عدليه جي آئيني اصول تي عمل ڪندي ججن جي پيشه ورانه معاملن جي آزاديءَ سان انجام ڏيڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ٻئي طرف سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن جو هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اجلاس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي خط جو جائزو ورتو ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ججن جي خط جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ جو مطالبو ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي ٽن ججن تي مشتمل جوڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار عدالتي معاملن ۾ مداخلت تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته عدليه جي معاملن ۾ مداخلت عدالتي نظام تي حملي جي برابر آهي.

بقايا 28 ❊❊❊

پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر خان چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججز خط ۾ مداخلت بابت آگاهه ڪيو. هن چيو ته هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز دٻاءُ کان متاثر ٿيا. ججز کي دٻاءُ ۾ آڻڻ جو هڪ ئي مقصد هو جيڪو ججز خط ۾ لکيو. بئريسٽر گوهر علي خان چيو ته ججز خط ۾ لکيو ته سياسي مقصدن ۾ مداخلت ڪئي وئي. عمران خان خلاف جيترن ڪيسز جا فيصلا آيا آهن اهي خط بعد ختم ٿي ويا. خط بعد عمران خان جي خلاف ڪيسن جي ڪا به حيثيت نه رهي آهي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته انهن فيصلن کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ عمران خان کي آزاد ڪيو وڃي. هن چيو ته هڪ جج چيو ته هن کي خبر ناهي ته هن جا پڇا ڪئي آهن. هڪ جج چيو ته هن جي پٽ جو وليمو به ملتوي ڪرايو ويو هو

بقايا 29 ❊❊❊

جي ججن جي خط تي سپريم ڪورٽ جي بااختيار ڪميشن ناهي انڪوائري ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جو خط هڪ

طئي ٿيل منصوبو لڳي رهيو آهي ۽ سپريم جوڊيشل ڪائونسل اهڙن تڪرارن جي جاچ جو ادارو نه آهي. درخواست گذار جو موقف آهي ته ججن جو سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي خط عدليا کي اسڪينڊلائز (تڪراري) ڪرڻ برابر آهي. 6 ججن پنهنجي خط ۾ پي ٽي آءِ باني جي رڳو هڪ ڪيس جو مثال پيش ڪيو ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن هڪ به ڪيس جو واضح حوالو ۽ ثبوت ناهي ڏنو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي خط لکيو هو جنهن ۾ عدالتي ڪيسن ۾ ڳجهي ايجنسين جي مداخلت تي سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي خط لکيو هو. جنهن ۾ عدالتي معاملن ۾ انتظاميا ۽ ڳجهن ادارن جي مداخلت تي ميڊ گهري وئي هئي. هاءِ ڪورٽ جي ججن طرفان لکيل خط جي ڪاپي سپريم ڪورٽ جي سڀني ججن کي به موڪلي وئي هئي. خط ۾ عدالتي معاملن ۾ ايگزيڪيوٽو ۽ ايجنسين جي مداخلت جو ذڪر ڪيو ويو هو. هاءِ ڪورٽ جي ججن سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي لکيل خط ۾ مطالبو ڪيو هو ته عدليا ۾ ڳجهن ادارن جي مداخلت ۽ ججن تي اثرانداز ٿيڻ جي معاملي تي جوڊيشل ڪنوينشن گهرايو وڃي. سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن خط لکيو هو. خط لکندڙن ۾ جسٽس محسن اختر ڪياني، جسٽس طارق محمود جهانگيري، جسٽس بابر ستار، جسٽس سردار اعجاز اسحاق، جسٽس ارباب محمد طاهر ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز شامل آهن.

بقايا 30 ❊❊❊

کان پراسرار نموني گم ٿيڻ پيءُ سميت ٽن ٻارڙن جا پيٽي مان لاش مليا آهن. شاهنواز شيخ جي گهر مان سنڌس ڇئن ورهين جي ڌيءَ مهناز ڇهن ورهين جي پٽ مدد ۽ عرفان شيخ جي ڏهن ورهين جي پٽ عارف جا لاش مليا. پوليس جو چوڻ آهي ته لاش گهر ۾ موجود پيٽيءَ مان مليا آهن. لاشن کي تحويل ۾ وٺي ضابطي جي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ ان حوالي سان جاچ به شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 31 ❊❊❊

گهريل 534 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. ايس ايس پي آپريشنز ڪاشف آفتاب عباسي چيو ته ضلعي ڀر ۾ اشتهاري ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي آپريشنز چيو ته شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو عمل تيز ڪيو ويو آهي ۽ اشتهار ڏيندڙن جا بئنڪ اڪائونٽ منجمد ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن وٽان جديد خودڪار هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن. ٻئي طرف سرڪاري دستاويزن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم، قتل، ڦر ۽ اغوا جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي. شهر ۾ هلندڙ سال هن وقت تائين 98 ماڻهن جي قتل جي 182 جوابدارن مان 150 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. شهر مان ٻن اڍائي مهينن دوران 44 چوري ۽ ڦرجا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان پوليس عملدارن جو چوڻ آهي ته وڌندڙ ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ اپاءَ تيز ڪرڻ جون هدايتون مليون آهن.

بقايا 32 ❊❊❊

گڏ هئا. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن جي آفيس ۾ مختلف سيڪشنز جي ڪم جو جائزو ورتو. صوبائي وزير گاڏين جي رجسٽريشن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت به تفصيلي معلومات ورتي. شرجيل انعام ميمڻ رجسٽريشن ۽ ٽيڪسيشن جي آپريشنل مڪينزم بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪئي. صوبائي وزير انتظامي معاملن ۾ شفافيت ۽ جوابده هئڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اجتماعي ڪوشش تي زور ڀريو. سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت انتظامي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي بهتر بڻائڻ لاءِ سرگرم آهي. سنڌ حڪومت جو مقصد سمورن شهرين جي بهتر خدمت لاءِ ضروري سڌارا آڻڻ آهي.

بقايا 33 ❊❊❊

مان ٻن ڄڻن جا هٿ ٻڌل لاش هٿ آيا آهن. ايس ايس پي اولهه موجب لاش ناردرن بائي پاس تي زرياب هوٽل پرسان مليا آهن. شروعاتي جاچ موجب ٻنهي ڄڻن کي مٿي ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. ايس ايس پي اولهه وڌيڪ ٻڌايو ته هڪ ڄڻي جي سڃاڻپ شاهه زمان پٽ علي نواز جي نالي سان ٿي، ٻئي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. ايس ايس پي اولهه موجب واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪيون ويون آهن. مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 34 ❊❊❊

ميڊيا تي جاري ڪيل وڊيو ۾ اعلان ڪيو ته جي يو آءِ جو ڪو به اميدوار نئين چونڊ ۾ حصو نه وٺندو. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان اٺ فيبروري جي چونڊن جا نتيجا رد ڪريون ٿا. اٺ فيبروري جي چونڊ نتيجن خلاف 25 اپريل کان بلوچستان مان احتجاجي تحريڪ شروع جو اعلان ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان عوام وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. عوام کي متحد ڪري اعتماد ۾ وٺنداسين. هن چيو ته ڪراچي، پشاور ۽ لاهور ۾ به جلسا ڪيا ويندا. ٻين سياسي پارٽين سان به رابطو ڪري رهيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن بيوس آهي. ان کي نتيجا مرتب ڪرڻ جي اجازت نه آهي.

بقايا — سنڌيار — 01

ڊسٽرڪٽ مئنيجر اين آر ايس پي ٺٽو مير محمد بلوچ ڳالهائيندي چيو ته ٽي بي هڪ موتمار بيماري آهي جنهن جي تشخيص ۽ مفت علاج سنڌ حڪومت طرفان ضلعي جي سرڪاري اسپتالن ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر نظير حيدر شاهه سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته دنيا جي 25 سيڪڙو آبادي ٽي بي جي جراثيم سان متاثر ٿئي ٿي ۽ هر سال هڪ ڪروڙ ماڻهو ٽي بي جي موتمار بيماري جي ور چڙهي وڃن ٿا ۽ دنيا ۾ هر سال اٽڪل 15 لک ماڻهو ٽي بي جي بيماري وگهي فوت ٿي وڃن ٿا. پاڪستان ۾ هر سال ڇه لک کان وڌيڪ ماڻهو ٽي بي جي خطرناڪ مرض جو شڪار ٿين ٿا جنهن مان فقط 63 سيڪڙو ماڻهن جي تشخيص ۽ علاج ٿئي ٿو انهي ڪري باقي رهيل ماڻهن جي تشخيص ڪرائي انهن جو علاج ڪرائڻ گهرجي. سول سرجن ٺٽو ڊاڪٽر يامين عالم شاهه سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته ضلع ٺٽو ۾ صحت کاتو حڪومت سنڌ پاران ٽي بي جي تشخيص ۽ مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن پيون تنهنڪري عوام کي گهرجي ته انهن سهولتن جو فائدو وٺي ڪري پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي ٽي بي جي موتمار بيماري کان بچائين. ڦڦڙن جي بيماري جي ماهر ڊاڪٽر پرشاد ٽي بي عوامي آگاهي سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته ضلع ٺٽو جي سڀني سرڪاري اسپتالن ۾ ٽي بي جي بيماري جي تشخيص جي سهولت موجود آهي تنهنڪري جنهن به ماڻهو کي لڳاتار ٻه هفتا کنگهه، شام جو بخار ٿيڻ، وزن جو گهٽجڻ، رات جو پگهر ٿيڻ يا ٿڪاوٽ ٿيڻ جهڙيون علامتون هجن تنهنڪري يڪدم ويجهي اسپتال ۾ پنهنجي چڪاس ڪرائڻ گهرجي. ڊسٽرڪٽ ٽي بي ڪو آرڊينيٽر ضلعو ٺٽو ڊاڪٽر غلام علي ڏاهو سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته ضلع ۾ سرڪاري ۽ خانگي ادارن جي سهڪار سان گڏيل ڪوششن سان ٽي بي جا خاتمي لاءِ اسان پر عزم آهيون. ٽي بي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ سيمينار ۾ ماهر ڊاڪٽرن جنهن ۾ ڊاڪٽر گيانچند، ڊاڪٽر محمد ابراهيم ميمڻ ڊاڪٽر دائود هلايو، ڊاڪٽر خالد نواز قريشي، ڊاڪٽر مهتاب، ڊاڪٽر شيام ڪمار، ڊاڪٽر آمنه شمس ميمڻ ڊاڪٽر محبوب ڪاتيار، ڊاڪٽر آڪاش عباسي، ڊاڪٽر جمال ميمڻ، سلم احمد تنيو رشيد احمد جاکرو، عبدالحفيظ ملاح سميت سول سوسائٽي تنظيمن...

بقايا — سنڌيار — 12

هن مونکي 10500 روپيا ڏنا آئون رقم ڪٽي پنهنجي گهر هلي ويس رات جو جڏهن مون موبائل تي ميسيج چيڪ ڪيو ته ميسيج ۾ منهنجي آيل رقم 23500 روپيا لکيل هئا ٻي ڏينهن جڏهن ساڳئي ڊوائيس هولڊر ڏانهن ويس ته هن مونکي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندي مونکي جان ڪان مارڻ جون ڌمڪيون...

ڊائريڪٽوريٽ جنرل فشريز سنڌ
مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ
پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ (PRI)
باغ ڪورنگي، ڪراچي

اي ميل: dgmcfdkarachi2020@gmail.com

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ حڪومت، اي ڊي پي اسڪيم نمبر 2009 تحت هيٺين ڪم لاءِ ٽينڊرز طلب ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. يعني "ضلع بدين ۽ سجاول ۾ جيٽين جو قيام". ڊائريڪٽر جنرل فشريز سنڌ، مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ - ڪراچي سال 2023-2024 ۽ 2024-2025 لاءِ خريدار جي طور تي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل ۾ رجسٽر ٿيل اهل ٺيڪيدارن کان سيل ٿيل ٽينڊرز جي دعوت ڏئي ٿو لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ يا مٿي جي ڪوڊ CE-03، CE-05، & CE-10 سان، سنڌ روينيو بورڊ، انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ هيٺ ڏنل ڪم لاءِ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي لسٽ تي آهن:

ٽينڊر في	ٽيمز/ورڪس
2000 رپيا	ڊسٽرڪٽ بدين ۽ سجاول ۾ جيٽيز جو قيام

1) سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رول 2010 جي قاعدي 46(2) ۾ بيان ڪيل "سنگل اسٽيج ٻه لفافي جي طريقيڪار" تحت بوليون قبول ڪيون وينديون. جنهن مطابق بولي هڪ واحد پيڪيج تي مشتمل هوندي جنهن ۾ ٻه الڳ لفافا شامل هوندا. هر لفافي ۾ الڳ الڳ ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويز. مونجهاري کان بچڻ لاءِ هر لفافي کي بولڊ ۽ اهل خطن ۾ نشان لڳايو وڃي. شروعات ۾ "ٽيڪنيڪل پروپوزل" جو نشان لڳل لفافو کوليو ويندو. لفافو جيڪو مالي تجويز جي طور تي نشان لڳايو ويو آهي، خريد ڪندڙ جي قبضي ۾ رکيو ويندو بغير کولڻ جي. فنانشل پروپوزل جي فنانشل پروپوزل کي صرف ٽيڪنيڪل طور تي قابليت حاصل ڪرڻ جي تاريخ، وقت ۽ جڳهه تي کوليو ويندو، جيڪو اڳوات ۾ بلڊر کي ٻڌايو ويو آهي. وڌيڪ تفصيل ٽينڊر دستاويزن ۾ آهن.

2) ٽينڊرز کي 2.5 سيڪڙو جي ٻڌ سيڪيورٽي سان گڏ رجسٽرڊ فرمز (واپسي لائق) سان گڏ هجڻ ضروري آهي ٽينڊر جي قيمت جي ادائيگي آرڊر / بئنڪ ڊرافٽ جي شڪل ۾ ڊائريڪٽر جنرل فشريز سنڌ، مرين ۽ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ - ڪراچي جي حق ۾ جيڪو صحيح رهندو 28 ڏينهن جي مدت لاءِ بل جي صحيح تاريخ کان پوءِ. ٽينر ٻانڊ سان گڏ، ڪمپيوٽرائيزڊ قومي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ قومي ٽيڪس نمبر.

3) سڀني سرڪاري ٽيڪسن سميت قيمتن جو حوالو ڏنو وڃي.

4) ٽينڊر آئٽم لاءِ بيان ڪيل قيمتون 60 ڏينهن تائين صحيح هجڻ گهرجن. ٽينڊرز جي افتتاح جي تاريخ کان.

5) تنهن ڪري درخواست ڏني وڃي آهي مشهور فلوٽنگ جيٽي ٺاهيندڙن / بلڊرز / ڪنسٽرڪٽرز / آسٽرليا پاڪستان ۾ انهن جي بااختيار ايجنٽ کي لاڳاپيل ڪمن ۾ مناسب تجربو رکندڙ پاڪستان ۾ ساڳي جاگرافيائي حالت ۾ ڪم جي ڊاٽري جي هيٺين ڊاٽري لاءِ ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ تحت معيار کي پورا ڪرڻ لاءِ ضابطا 2010 (ترميم ٿيل 2019).

6) دلچسپي رکندڙ پارٽيون جيڪي پاڪستان ۾ ساڳي جاگرافيائي حالت ۾ مناسب تجربو/تجربو رکن ٿيون آهي 100٪ الٽرا وائلٽ شعاعن جي UVA ۽ UVB مزاحمت واري هاءِ ڊينسٽي پوليٿيلين مان ٺهيل "ضلع بدين ۽ سجاول ۾ جيٽيز جي قيام" لاءِ پنهنجون بوليون پيش ڪندي ٽينڊرز ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون. HDPE فيڊرز، سمنڊ تي پڊل/آف شور پائلنگ، اسٽينلس سل گنگ وي يا واڪ وي ۽ ڪميونٽي شيڊ.

7) دلچسپي فرم دستاويزي ثبوتن سان ثابت ڪيل معلومات کي پيش ڪندي.

a. ڪمپني پروفائل

b. انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان رجسٽريشن.

c. صحيح رجسٽريشن پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل درجي ۾ انجنيئرنگ ڪوڊس CE-03، CE-05 ۽ CE-10 سان.

d. پيداوار کي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي، سنڌ کان منظور ڪيو وڃي.

e. گذريل ٽن سالن جي مالي صورتحال / بئنڪن کان سرٽيفڪيٽ

f. پاڪستان ۾ هڪجهڙن ڪمن جو حوالو عمل جي سرٽيفڪيٽ سان گڏ (دستاويزي ثبوت گهربل آهي - ڪم آرڊر ۽ مڪمل ٿيڻ وارو سرٽيفڪيٽ).

g. ساڳئي جاگرافيائي جڳهن ۾ لاڳاپيل تجربو ثابت ٿيل ٽريڪ رڪارڊ سان (دستاويزي ثبوت گهربل آهي - ڪم آرڊر ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ).

h. فني افرادي قوت / صلاحڪارن جي فهرست انهن جي پگهار تي لاڳاپيل فيلڊ تجربي سان ڪم جي عمل لاءِ.

i. سرٽيفڪيٽ جو اثر آهي ته فرم ڪڏهن به بليڪ لسٽ يا مقدمي ۾ نه آهي.

j. حلف نامي جو اثر آهي ته سڀئي دستاويز / تفصيلات / معلومات صحيح ۽ صحيح آهن. جيڪڏهن ڪا ڄاڻ غلط / گمراهه ڪندڙ ملي ٿي، خريد ڪندڙ اهو حق محفوظ رکي ٿو ته اها آڇ کي رد ڪري سگهي.

8) خريداري سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت ڪئي ويندي.

9) سپلائي آرڊر / معاهدو جاري ڪيو ويندو فنڊ جي دستيابي سان مشروط.

10) نقل و حمل جي دوران پيڪنگ / لڪيج ٺيڪيدار جي ذميواري آهي.

11) پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رول 2010 (جيئن ته وقت بوقت ترميم ڪئي وئي آهي) جي تحت سڀ يا ڪنهن به بول کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

12) ٽينڊر دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ 15.04.2024 تائين خريد ڪري سگهجي ٿو (دفتري جي ڪلاڪن دوران) ڪمپني جي ليٽر هيڊ تي هڪ لکت واري درخواست جمع ڪرڻ تي، جنهن سان گڏ ناقابل واپسي ٽينڊر فيس 2000 پي آرڊر جي شڪل ۾. ڊائريڪٽر جنرل فشريز سنڌ، مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ، پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ سامهون باغ ڪورنگي، ڪراچي جي حق ۾ بئنڪ ڊرافٽ.

13) بڊ آفرز سان گڏ پراڊڪٽ/سامان جي مڪمل معلومات (اسپيفيڪيشن شيٽ) ۽ هر حصي / شين لاءِ الڳ الڳ ڊائريڪٽوريٽ جنرل فشريز سنڌ، مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ- پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ سامهون باغ ڪورنگي، ڪراچي ۾ جمع ڪرايو وڃي. 16.4.2024 تي 11:30 وڳي.

14) بوليون ساڳئي ڏينهن 16.04.2024 تي 12:00 وڳي ڪميٽي طرفان کوليون وينديون. بولي ڏيندڙن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ ڊائريڪٽوريٽ جنرل فشريز سنڌ، مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ، پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ، باغ جي سامهون - ڪورنگي، ڪراچي.

15) نوڪري 30 جون 2025 کان اڳ مڪمل ٿيڻ جي ضرورت آهي.

16) دلچسپي رکندڙ اهل ٺيڪيدار/فرمز ڊسٽرڪٽ جنرل فشريز سنڌ جي آفيس، مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ، پولٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ سامهون باغ ڪورنگي، ڪراچي مان ٽينڊرز جي حوالي سان وڌيڪ تفصيلي معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا.

شرط ۽ ضابطا:

a) بولي ڏيندڙ ايجنسين/فرمز کي سنڌ روينيو بورڊ ۽ انڪم ٽيڪس اٿارٽيز وٽ رجسٽر ٿيڻ گهرجي.

b) بلڊر ايجنسين/ فرمز/ ٺيڪيدار کي گهرجي ته گذريل پنجن سالن ۾ ساڳئي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 05 ڪم مڪمل ڪيا هجن ۽ انهن کي فلوٽنگ جيٽيز ۾ چئن سالن جو تجربو هجي.

c) بئنڪ اسٽيٽمينٽ/ آڊٽ رپورٽ/ گذريل ٽن سالن جا پيا دستاويز جيڪي فرم / ٺيڪيدار جي سالانه مالي ٽرن اوور کي ڏيکاريندا آهن.

d) ارادو رکندڙ ٺيڪيدار کي هڪ حلف نامو جمع ڪرائڻ گهرجي ته اهو اثر آهي ته فرم / ٺيڪيدار ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث ناهي ۽ ڪنهن به حڪومت ۾ ڪو به ڪم نه ڇڏيو آهي. ڊپارٽمينٽ ۽ ڪارو فهرست نه آهي.

e) مٿي ڏنل هر درجي لاءِ الڳ مالي تجويز پيش ڪيو وڃي.

f) مختص ڪيل فنڊ جي دستيابي تي خريداري/سپلائي آرڊر جاري ڪيا ويندا.

ڊائريڪٽر جنرل فشريز سنڌ
مرين اينڊ ڪوسٽل فشريز ڊولپمينٽ
ڪراچي

INF/KRY#880/2024

پڙهندي سنڌ ته ... وڌندي سنڌ